Website: dailysukaarkarachi.com

ABC CERTIFIED

سائينم سدائين ڪرين متي سنڌ سُڪار (شاهه)

DAILY SUKAAR KARACHI

رجسٽرڊ نمبر SS-1245

روزاني سُڪار ڪراچي

چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو

جلد (20) آچر 11 مئي 2025ع بمطابق 13 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 63) قيمت 10 رپيا

ٽرمپ جي ٽياڪڙي تي جنگبندي، ڀارت پاران تصديق، علائقائي ۾ امن ۽ خوشحالي ايندي: وزيراعظم شهباز شريف

آمريڪا جي ٽياڪڙي سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوري جنگبندي تي اتفاق ٿيو آهي، ڀارت ۽ پاڪستان مڪمل ۽ فوري جنگ بندي تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي: ڊرمپ پاران سوشل ميڊيا تي بيان جاري

پاڪستان ۽ ڀارت هوش ۽ ڏاهپ جو مظاهرو ڪيو آهي، ٻي پاسي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ۽ ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري وڪرم مسري پڻ جنگبندي جي تصديق ڪري ڇڏي

پاڪستان ۽ ڀارت ترت سيزفائر تي اتفاق ڪري ورتو آهي، ياد رهي ته 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارت، پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي پنجن هنڌن تي حملا ڪيا هئا، جنهن جو پاڪ فوج وقتائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو هو: اسحاق ڊار

پاڪستان، جنگبندي جي موقعي تي سهڪار ڪرڻ تي آمريڪا جي ڪوششن کي ساراهي ٿو ۽ جنگبندي کي علائقائي امن ۽ استحڪام جي مفاد ۾ قبول ڪيو ويو آهي: وزيراعظم

آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ڏکڻ ايشيا ۾ امن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو، پاڪستان جو يقين آهي ته جنگبندي مسئلن جي حل لاءِ هڪ نئين شروعات آهي: شهباز شريف

هن معاهدي تحت زميني، هوائي ۽ سامونڊي حدن ۾ مڪمل طور جنگبندي هوندي، هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ 12 مئي تي ٻيهر ڳالهيون ٿينديون: ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري وڪرم مسري

واشنگٽن/اسلام آباد/نئين دهلي (م ر د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ڀارت ۽ پاڪستان ترت جنگبندي تي راضي ٿي ويا آهن. پنهنجي سوشل ميڊيا بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريڪا جي ٽياڪڙي سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوري جنگبندي تي اتفاق ٿيو آهي. آمريڪي صدر موجب، ڀارت ۽ پاڪستان مڪمل ۽ فوري جنگ بندي تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا 01

پاڪستان جو ڀارت خلاف "آپريشن بُنيَان مَرصُوص" شروع، دفاعي نظام، چيڪ پوسٽون ۽ فوجي ٺاڪ تباهه

پاڪستان ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيندي بياس واري علائقي ۾ براهموس ميزائل اسٽوريج سائيٽ، اڌمپور، پٺانڪوٽ، آدمپور ۽ ڀارت جي بريگيڊ هيڊڪوارٽر "جي ٽاپ" تي ڪامياب حملا ڪيا

پير ڪانٽي سيڪٽر ۾ قلعو ڊير، گرين پليٽو ۽ جنگل ون پوسٽ ۽ ڊودي سيڪٽر جي سامهون "نيو ڪمپليڪس "نشانو بڻيو، پاڪستان جي جوابي حملن دوران پاڪ فوج جي " نعره تڪبير الله اڪبر" جي نعري سان فضا گونجي اٿي

پاڪستان هوائي فوج جي جي ايف 17 ٿنڊر جهازن هائپر سانڪ ميزائلن ذريعي آدمپور ۾ موجود ڀارتي ايس-400 دفاعي نظام کي نشانو بڻايو، جنهن جي ماليت لڳ ڀڳ 1.5 ارب ڊالر ٻڌايو وڃي

پاڪستان طرفان جاري ڪارروائي دوران بياس ۾ موجود اسٽوريج ڪمپليڪس مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو، جتان پاڪستان تي حملا ڪيا ويا هئا، ڀارتي هواوالا هيڊڪوارٽر "هلوارا ايئرفيلڊ" کي به نشانو بڻايو ويو

پهڪليان سيڪٽر ۾ ربتان والي پوسٽ، جزيره پوسٽ ڪمپليڪس، ڪافر مهري، شاهپر، ۽ غدر ٽاپ ٻيون چوڪيون تباهه، آدمپور، پٺنڪوٽ، سورت ڳڙهه، مامون، اکنور، جمون، سرسا ۽ برنالا جا ايئر بيس پاڪ فوج خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا

اڌمپور ايئربيس کي پاڪستان طرفان فائر ڪيل ٽن ميزائلن سان نشانو بڻايو ويو، تباهه ٿيل براهموس اسٽوريج سائيٽ جي وڊيو وائرل، جنهن ۾ ڇڏي نمونې ڌماڪن جا منظر، دونهون ۽ باهه جا شعلا ڏسي سگهجن ٿا

اسلام آباد/راولپنڊي (م ر د) ڀارت جي جنگي جنون کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان طرفان آپريشن "بنيانٌ مرصُوص" جي نالي سان شروع ڪيل جوابي ڪارروائي ۾ ڀارت جا ڪيترائي هوائي اڏا، چيڪ پوسٽون ۽ فوجي ٺاڪ تباهه ڪيا ويا آهن سڪيورٽي ذريعن موجب، پاڪستان ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيندي بياس واري علائقي ۾ براهموس ميزائل اسٽوريج سائيٽ، اڌمپور، پٺانڪوٽ، آدمپور ۽ ڀارت جي بريگيڊ هيڊڪوارٽر "جي ٽاپ" تي ڪامياب حملا ڪيا. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان هوائي فوج جي جي ايف 17 ٿنڊر جهازن هائپر سانڪ ميزائلن ذريعي آدمپور / ڏسو صفحو 2 بقايا 02

اسلام آباد: پاڪستان پاران شروع ٿيل آپريشن بنيان المرصوص ۾ پاڪ فوج ميزائل ڇڏڻ دوران الله اڪبر جا نعرا هڻندي، ٻئي طرف ميزائل پنهنجي هدف ڏانهن ويندي، جڏهن ته راولپنڊي ۾ شهري روڊن تي نڪري پاڪ فوج جي حمايت ۾ قومي پرچم کڻي خوشي اظهار ڪندي، هوڏانهن ڪاميابي تي هڪ ٽينڪ مٿان رهواسي گل نڇار ڪري رهيا آهن

وزيراعظم جي صدر سان ملاقات، ڀارت جي اڳرائي بعد پيدا ٿيل صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

وزيراعظم پاران صدر کي آپريشن "بنيان مرصوص" جي صورت ۾ ڀارت کي ڏنل اثرائتي جواب بابت آگاهي

ملاقات دوران نائب وزيراعظم پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ قانون ۽ انصاف وارو وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پڻ موجود

صدر پاران ڀارتي جارحيت جو مناسب جواب ڏيڻ تي هٿياربند فوج جي غير معمولي پيشيوراڻي صلاحيت ۽ بهادري جي تعريف

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم محمد شهباز شريف صدارتي محل ۾ صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪئي. وزيراعظم صدر کي ڀارتي جارحيت ۽ پاڪستان جي طرفان آپريشن "بنيان / ڏسو صفحو 2 بقايا 03

ڀارت جي سالميت جي حفاظت لاءِ فوجون مڪمل الرٽ رهنديون: ڀارتي بچاءُ وارو وزير

جنگبندي جو احترام ڪنداسين پر ڀارت جي سرحدن ۽ خودمختياري جي حفاظت لاءِ فوجون تيار آهن

ڀارتي فوج، نيوي ۽ ايئرفورس پاڪستان سان طئي ٿيل اجوڪي جنگبندي معاهدي تي مڪمل عملدرآمد ڪنديون

ڀارتي فوج جي ڪرنل صوفيہ قريشي ڀارتي هوائي دفاعي نظام ايس 400 کي تباهه ڪرڻ واري دعويٰ رد ڪري ڇڏي

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي بچاءُ واري وزارت نئين دهلي ۾ هڪ اهم پريس بريفنگ دوران اعلان ڪيو آهي ته ڀارتي فوج، نيوي ۽ ايئرفورس پاڪستان سان طئي ٿيل اجوڪي جنگبندي معاهدي تي مڪمل / ڏسو صفحو 2 بقايا 04

آپريشن بُنيَان مَرصُوص: پاڪ فوج جي ڪامياب ڪارروائي، ايڊيشنل ڊي سي راجوڙي مارجي ويو

پاڪستان طرفان شروع ڪيل آپريشن بُنيَان مَرصُوص دوران ۾ اي ڊي سي راج ڪمار ٿاپا مارجي ويو

راج ڪمار ٿاپا ڀارتي حڪومت جي حمايت سان ڪشمير اندر دهشتگردن جو سهولتڪار ۽ مسلمانن لاءِ ڌڪاءَ جي علامت هو

واضح رهي پاڪستان ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پرهه ڦٽيءَ مهل آپريشن "بُنيَانٌ مَرصُوص" جي نالي سان شروع ڪيو

سرينگر (م ر د) ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ پاڪستان طرفان 10 مئي تي پرهه ڦٽيءَ شروع ڪيل "آپريشن بُنيَان مَرصُوص" دوران پاڪ فوج هڪ اهم ٽارگيٽ کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو جنهن / ڏسو صفحو 2 بقايا 05

پاڪ-يو اي اي دوستي جي علامت شيخ زيد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حملو

بزدل ڀارتي حملي جي نتيجي ۾ شيخ زيد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي نقصان پهتو

ڀارت پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي دوستي جي علامت کي نشانو بڻايو

اهو هوائي اڏو 1993 ۾ ٺاهيو ويو هو ۽ ان جو نالو شيخ زيد بن سلطان النهيان جي نالي تي رکيو ويو هو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڀارت رحيم يار خان ۾ شيخ زيد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي به نشانو بڻايو. بزدل ڀارتي حملي جي نتيجي ۾ شيخ زيد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي نقصان پهتو آهي. ڀارت پاڪستان ۽ گڏيل / ڏسو صفحو 2 بقايا 06

مستقبل ۾ ڪنهن به حملي کي "جنگ" سمجهيو ويندو: ڀارتي وزيراعظم مودي

ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي صدارت هيٺ اعليٰ حڪومتي ۽ فوجي قيادت جو اجلاس

ڀارتي رياست يا شهرين جي سلامتي کي خطري ۾ وجهڻ به جنگي عمل جي زمري ۾ ايندو

واضح رهي ته پاڪستان جي جوابي ڪارروائي ڪانپو ڀارت ۾ هي اجلاس سڏايو ۽ ٻئي ملڪ جنگبندي تي راضي ٿي چڪا

نئين دهلي (م ر د) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي صدارت هيٺ اعليٰ حڪومتي ۽ فوجي قيادت جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڀارت تي مستقبل ۾ جيڪڏهن ڪو به حملو ٿيو ته ان کي "جنگ" / ڏسو صفحو 2 بقايا 07

سڄي دنيا جي سِک برادري پاران ڀارت جي ظلمن خلاف پاڪستان جي ڪاميابي تي جشن

ڀارت امرتسر ۽ گولڊن ٽيمپل تي فالس فليگ آپريشن ڪيو، عورتن ۽ ٻارن کي نشانو بڻايو: سردار رميش سنگهه اروڙا

بيگناهه ٻارڙن جو رت پڇي پيو ته انصاف ڪنهن کان گهرون؟ ڀارت سِک-مسلم ڀائيچاري کي نقصان پيو پهچائي

دنيا جي سِک برادري کي مڪمل اعتماد آهي ته پاڪستان ڪڏهن به سندن مذهبي هنڌ تي حملو نه ڪندو

لاهور (م ر د) پنجاب جي اقليتي معاملن واري وزير سردار رميش سنگهه اروڙا چيو آهي ته سڄي دنيا جي سِک برادري ڀارت جي ظلمن خلاف پاڪستان سان گڏ آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته ڀارت امرتسر ۽ گولڊن / ڏسو صفحو 2 بقايا 08

رب پاڪ پاڪستان کي سرخرو ڪيو، فوج ۽ حڪومت کي شاباشي ڏيان ٿو: مسلم ليگ (ن) جو صدر ۽ اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف

ڀارت بلوچستان ۾ دهشتگردن جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهي، پاڪ فوجي کي شاباس: (ن) ليگ/پ پ پ

پاڪستان ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو آهي ۽ پاڪ فضائيه ڀارت جا پنج جنگي جهاز تباهه ڪيا آهن پاڪستان هڪ ذميوار رياست آهي: بلاول

پاڪستان ٽي ڏينهن صبر جو مظاهرو ڪيو عالمي برادري به پاڪستان جي حمايت ڪئي آهي، جڏهن ته ڀارت پهلگام واقعي جي عالمي جاچ کان ڇو ڊڄي رهيو آهي؟

ڀارت بلوچستان ۾ دهشتگردن جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهي، ۽ پاڪستان پنهنجي زمين تان ڀارتي جاسوس ڪلڀوشن کي گرفتار ڪيو

مان وزيراعظم شهباز شريف، آرمي چيف جنرل عاصم منير، ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر ۽ پاڪ فوج کي دل جي گهراين سان شاباس ۽ مبارڪباد ڏيان ٿو: نواز شريف

پاڪستان امن پسند ملڪ آهي، جيڪو هميشه امن کي ترجيح ڏئي ٿو پر پنهنجو دفاع به ڪرڻ ڄاڻي ٿو، اسان هر صورت ۾ پنهنجي وطن جي حفاظت ڪنداسين: جنگبندي جي اعلان کان پوءِ جاري ڪيل بيان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان ڀارتي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو آهي ۽ پاڪ فضائيه ڀارت جا پنج جنگي جهاز تباهه ڪيا آهن. جنگبندي جي اعلان کان پوءِ جاري ڪيل بيان ۾ بلاول چيو ته پاڪستان هڪ ذميوار رياست آهي، جنهن / ڏسو صفحو 2 بقايا 10

ڀارت کي چيو هو ته اڳرائي نه ڪري، دشمن کي ۾ گهر ۾ گهڙي ماريو آهي: عطا تارڙ

گذريل رات ڀارت جو حملو بزدلاڻو هو، اسان پهرين 5 رافيل جهاز ڪيرايا ۽ پوءِ دشمن جا ڊرون به تباهه ڪيا، ڀارت جون ڪيترين ئي چوڪيون ۽ ايئرفيلڊز کي سخت نقصان پهتو آهي

اسان شروعات نه ڪئي، پر هن ڀيري جڏهن ڀارت جارحيت ڪئي ته اسان سخت جواب ڏنو، هنن جا لانچ پيڊ، ڊپو، آواز ۽ ڪيل مورچا، پلاٽ بڻائي رهيا آهن ته ڪين ڪيترو وڏو نقصان رسيو آهي

اسان اڳ ئي چيو هو ته اسان تيار آهيون، آزمايو نه، اسان سفارتي سطح تي به ڪيترن ئي ملڪن سان رابطي ۾ رهيا آهيون، اسان جي جوابي حملي ڪانپوءِ ڀارت کي تمام وڏو نقصان پهتو آهي

ڀارتي ميڊيا جيڪو ڪالهه تائين شور ڪري رهيو هو اڄ بلڪل خاموش آهي، ڀارت وٽ نه ته سٺا پائيلٽ آهن ۽ نه ئي انهن جا ڊرونز ڪو خاص نقصان رسائي سگهن ٿا: سنڌ سماءَ واري وفاقي

جيڪو ڪالهه تائين شور ڪري رهيو هو، اڄ بلڪل خاموش آهي، پاڪستان جي فوج هر محاذ تي ڀارت کي سخت جواب ڏنو آهي

ڀارت وٽ نه ته سٺا پائيلٽ آهن ۽ نه ئي انهن جا ڊرونز ڪو خاص نقصان رسائي سگهن ٿا: سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ

اسلام آباد (م ر د) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته ڀارت جي حملي ۾ پاڪستان جو نقصان نه هئڻ برابر آهي، اسان شروعات نه ڪئي، پر هن ڀيري اڳرائيءَ جي جواب ۾ ڀارت ۾ گهڙي ڪارروائي ڪئي وئي. ٽنجي تي ٽي وي ڳالهائيندي عطا الله تارڙ چيو ته گذريل رات ڀارت / ڏسو صفحو 2 بقايا 09

پاڪ فوج جي شاهينن ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو: ڪاشف سعيد

وطن جي دفاع لاءِ سڄي قوم هڪ آهي، سنڌ طاس معاهدو بحال ڪرڻ کان سواءِ ڪابه ڳالهه نه ڪئي وڃي

اهو سنڌ توڙي پاڪستان جي لائف لائن آهي، ڀارت جو پاڪستان جو پاڻي روڪڻ آبي دهشتگردي آهي

پاڪستان جي دريائن تي پن بجلي منصوبا تعمير ڪري پاڪستان ۾ ايندڙ پاڻي کي متاثر ڪيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد سعيد شيخ چيو / ڏسو صفحو 2 بقايا 11

اسلام آباد: پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ۽ جنگبندي حوالي سان عطا تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسان جي بهادر فوجن ۽ بهادر قوم، بي مثال جرئت ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو: سيد خورشيد احمد شاهه

صدر، وزيراعظم، ۽ پاڪستاني هٿياربند فوج جي سربراهن، آفيسرن، پائليٽن ۽ سپاهين کي مبارڪباد هجي

اسان امن پسند آهيون، پر اسان جو پاڙيسري ڀارت اسان جي امن جي خواهش کي اسان جي ڪمزوري سمجهي ٿو

شڪر آهي جو الله تعاليٰ اسان کي هن جنگ ۾ سرخرو ڪيو، وزيراعظم، صدر ۽ بلاول جي قيادت کي سلام

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي سينيٽر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته شڪر آهي جو الله تعاليٰ اسان کي هن جنگ ۾ سرخرو ڪيو ۽ اسان جي بهادر فوجن ۽ بهادر قوم، هميشه وانگر هڪ ڀيرو / ڏسو صفحو 2 بقايا 12

"ڀارت جڏهن مار کاڌي تڏهن ڳالهه سمجهيو"، آمريڪي صحافي جا ڇرڪائيندڙ انڪشاف

ن ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگبندي لاءِ ڪوششون جاري هيون پر اهي ڪامياب نه ٿي سگهيون: نڪ رابرٽسن

ڀارت پاڪستان جي ايئر بيسز تي حملو ڪيو، جنهن کان پوءِ پاڪستان ڀارت تي ميزائلن جو وسڪارو لائي ڏنو

پاڪستان جي ميزائلن جي حملن ڀارت کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ جنگبندي ٿيو

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صحافي نِڪ رابرٽسن پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگبندي بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف ڪيا آهن. آمريڪي خبرو اداري سي اين اين جي / ڏسو صفحو 2 بقايا 13

مشهور ٽڪ ٽاڪر "زخمي شيرڻي" کي پنج لک ڏنڊ ۽ ڦاهي جي سزا ملي وئي

ريحانا عرف زخمي شيرڻي کي ڪزن لجپال حسين شاهه جي قتل جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي

راولپنڊي (م ر د) مشهور ٽڪ ٽاڪر ريحانا عرف زخمي شيرڻي کي سندس ڪزن لجپال حسين شاهه جي قتل جي ڏوهه ۾ موت / ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ڀارت ۾ شهرين بيچيني ۽ پاڪستانين جو مورال بلند آهي: آمريڪي اخبار

ڀارت اندر حالتون غير يقيني جو شڪار آهن، راجستان ۾ اسڪول بند رهيا

ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 21 ايئرپورٽس کي هفتي تائين بند ڪيو ويو

جي اوير واري رياست پنجاب جي گرداسپور علائقي ۾ مڪمل بليڪ آئوٽ رهيو

پاڪستاني شهري سمجهن ٿا ته ڀارتي حملي جي جواب ۾ انتقامي قدم ضرور کنيا وڃن

پاڪستان ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ماڻهو رستن تي نڪري جشن ملهائي رهيا آهن: واشنگٽن پوسٽ

واشنگٽن (م ر د) واشنگٽن پوسٽ پنهنجي تازي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته ڀارت ۾ بيچيني وڌي وئي آهي، جڏهن ته پاڪستاني /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

جنگبندي کان اڳ آمريڪي پرڏيهي وزير پاڪ ڀارت ڳالهيون شروع ڪرڻ تي متفق ٿيڻ جي تصديق ڪئي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي پرڏيهي وزير چيو آهي ته پنهنجي ٽوئيٽر بيان ۾ چيو آهي / ڏسو صفحو 2 بقايا 16

ڀارتين پاڻ ئي ڀارتي ميڊيا جي پروپيگنڊا جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا

دوران انڊيا جي اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي غلط ۽ ڪوڙين خبرن جون طوفان

ڪراچي (م ر د) پاڪ_ڀارت ڇڪتاڻ دوران انڊيا جي اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا تي غلط ۽ ڪوڙين خبرن جون طوفان / ڏسو صفحو 2 بقايا 27

پي ٽي آءِ باني جي آزاديءَ جي درخواست داخل

درخواست ۾ ڀارتي ڊرون حملن سبب عمران خان جي حياتي کي خطرو قرار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان جي پيرول تي آزادي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي خيبرپختونخوا جي وڏي وزير علي امين / ڏسو صفحو 2 بقايا 18

قيوم سومري پاران پاڪ فوج کي خراج تحيسن پيش

پاڪ فوج ڀارت جو جنگي جنون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو: ڊاڪٽر قيوم سومرو

پاڪ فوج پهرئين ڏينهن ئي رافيل جهاز ڪيرائي اهو واضع ڪيو ته وطن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي

اسان پاڪ فوج کي سلام پيش ڪريون ٿا: جي يو آءِ جي اڳوڻي سينيٽر جو پيغام

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ جي اڳوڻي سينيٽر ڊاڪٽر قيوم سومرو پاڪ فوج پاران ڀارتي جارحيت جي جواب ۾ گڏيل قومن / ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڀارتي جارحيت تي تاريخي جوابي ڪارروائي قوم هميشه ياد رکندي: سيد ڪميل حيدر شاهه

اڄ جو ڏينهن پاڪستاني قوم لاءِ يادگار بڻجي ويو آهي، بهادر فوج دشمن جي سازشن کي ناڪام بڻايو

پاڪ فوج ڏينهن جي اجالي ۾ ڀارتي فوجي تنصيبن تي ڪاري ضرب هڻي، دشمن جا هوائي اڏا تباهه ڪيا

پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي ۽ ڀارت کي هن جارحيت جي قيمت ضرور ادا ڪرڻي پوندي

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه سکر پريس ڪلب ۾ ملڪ جي موجوده / ڏسو صفحو 2 بقايا 17

سکر: ضلعي ڪائونسل سکر چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

"ڀارت گوڏا کوڙي ورتا"، شعيب ملڪ جي پاڪ فوج کي ڀيٽا

پاڪ فوج پاران ڏيکاريل بهادري لفظن کان مٿانهين آهي: شعيب ملڪ

امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪ فوج جي وابستگي پوري دنيا لاءِ متاثر ڪندڙ مثال آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان ۽ ٽيسٽ ڪرڪٽر شعيب ملڪ پاڪ فوج کي / ڏسو صفحو 2 بقايا 20

"ڪنگنا! هاٿي روءِ نه" حرا ماني

ڀارتي اداڪارا آئينو ڏيکاري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڀارتي اداڪارا ۽ سياستدان / ڏسو صفحو 2بقايا 21

گورنر سنڌ پاران آپريشن بنيا ن مرصوص فوجي برتري، قومي وقار ۽ اتحاد جي روشن علامت قرار

پاڪستان امن جو علمبردار آهي، ڪنهن به جارحيت تي خاموش رهڻ اسان جي پاليسي ناهي: ڪامران ٽيسوري

اسان جو موقف واضح آهي، پاڪستان امن چاهي ٿو پر دشمن جي هر جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيندو

اسان جي فوج جي اسٽريٽجڪ ڪارروائي دشمن کي پيغام ڏنو آهي ته پاڪستان ناقابل تسخير آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري آپريشن بنيا ن مرصوص تي قوم جي نالي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته آپريشن بنيا ن مرصوص فوجي برتري، قومي وقار ۽ اتحاد جي روشن علامت /ڏسو صفحو2 بقايا 23

جنگ لاءِ رضاڪار ڏيڻ جي آڇ، اسٽيبلشمينٽ سان شڪايت باوجود گڏ آهيون: مولانا فضل الرحمان

هي وقت ملڪ جي دفاعي ادارن کي مضبوط ڪرڻ جو آهي ۽ قومي يڪجهتي لاءِ اسين سڀ هڪ آهيون

جمعيت علماءِ اسلام اڄ جي ڏينهن کي "يوم دفاع وطن" طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي: جي يو آءِ سربراهه

11 مئي تي پشاور ۾ ملين مارچ ۽ 15 مئي تي ڪوئيٽا ۾ ملين مارچ ٿيندو، جتي عوام ملي يڪجهتي جو اظهار ڪندا

اسلام آباد (م ر د) جمعيت علما اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته هي وقت ملڪ جي دفاعي ادارن کي مضبوط ڪرڻ جو آهي ۽ قومي يڪجهتي لاءِ اسين سڀ هڪ آهيون. قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران خيالن جو اظهار /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

محسن نقوي سان وقتي آمريڪي سفير جي 2 ڀيرا ملاقات

ٻن ڏينهن ۾ آمريڪي وقتي سفير 2 ڀيرا ملاقات ڪئي، سرحدن جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (م ر د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر جي ملاقات ٿي جنهن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

قوم متحد آهي، آپريشن بنيان المرصوص قوم کي فخر سان نوازيو آهي: وڏي وزير پاران پاڪ فوج کي سلام

پاڪستان پنهنجي خودمختياري جي ڪنهن به خلاف ورزي کي برداشت نه ڪندو قوم پنهنجي فوج سان گڏ آهي

ڀارت جي وڌندڙ جنگي بيانبازيءَ پرڳٽي جي امن لاءِ وڏو خطرو آهي، پاڪستان هڪ امن پسند ۽ ذميوار ملڪ آهي

جارحيت جو هر محاذ تي سخت جواب ڏنو ويندو، گڏيل قومن ڀارتي اشتعال انگيزي جو نوٽيس وٺي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران آپريشن بنيان المرصوص جي ڀرپور حمايت جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان جي خودمختياري ۽ قومي سلامتي سان لاڳاپيل عزم کي ورجايو/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سنڌ جي وڏي وزير پاران جنگبندي "امن جي فتح ۽ خطي ۾ استحڪام جي ڪاميابي" قرار

جنگبندي ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي طرف هڪ اهم قدم آهي، ٻنهي ملڪن لاءِ ڳالهين کي ترجيح جو موقعو آهي

سيد مراد علي شاهه پاران پاڪستان جي مسلح افواج جي قومي سلامتي جي تحفظ ۾ ڪردار جي پڻ تعريف

سنڌ جي وڏي وزير پاران صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي ڪاميابي قيادت تي واکاڻون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان ۽ هندوستان وچ ۾ تازو جنگ بندي جي معاهدي جو خيرمقدم ڪندي انکي "امن جي فتح ۽ خطي ۾ استحڪام جي ڪاميابي/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

روزاني

سُڪار

ڪراچي

E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32700091، 021_32700092، 021_32721870

فيڪس نمبر: 02132700176

حيدرآباد آفيس: فون نمبر 022_2671764_022_2102381

فيڪس نمبر: 022_2671771_022_2102293

اڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115 ٿين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

آچر 11 مئي 2025ع بمطابق 13 ذوالقعد 1446 هجري

قوم کي پاڪ فوج جي ڪاميابي تي واڌايون

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ڀارت ۽ پاڪستان ترت جنگبندي تي راضي ٿي ويا آهن. پنهنجي سوشل ميڊيا بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريڪا جي ٿياڪڙي سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوري جنگبندي تي اتفاق ٿيو آهي. آمريڪي صدر موجب، ڀارت ۽ پاڪستان مڪمل ۽ فوري جنگ بندي تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي. ڊونلڊ ٽرمپ ٻنهي ملڪن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت هوش ۽ ڏاهپ جو مظاهرو ڪيو آهي. ٻي پاسي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پڻ جنگبندي جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت ترت سيزفائر تي اتفاق ڪري ورتو آهي. ياد رهي ته 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارت، پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي پنجن هنڌن تي حملا ڪيا هئا. جنهن جو پاڪ فوج وقتائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو هو ۽ ڀارت جا 5 جهاز به تباهه ڪيا هئا. پاڪستان طرفان بار بار خبردار ڪرڻ باوجود ڀارت جارحيت جاري رکي، جنهن ۾ ڊرون حملن ڪانپوءِ ميزائل ذريعي پاڪستاني ايئر بيسز کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنهن ڪانپوءِ ڏهه مئي جي صبح ڀارت جي جنگي جنون کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان طرفان آپريشن "بُنيانٌ مَرصُوص" جي نالي سان شروع ڪئي وئي جوابي ڪارروائي ۾ ڀارت جا ڪيترائي هوائي اڏا، چيڪ پوسٽون ۽ فوجي ٽاڪ تباهه ڪيا ويا آهن. وزيراعظم شهباز شريف ڀارت کي جنگبندي تي راضي ڪرڻ تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو شڪريو ادا ڪيو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ "ايڪس" تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم لکيو ته پاڪستان صدر ٽرمپ جي قيادت ۽ خطي ۾ امن لاءِ سرگرم ڪردار تي سندس ٿورائتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان، جنگبندي جي موقعي تي سهڪار ڪرڻ تي آمريڪا جي ڪوشش کي ساراهي ٿو ۽ جنگبندي کي علائقائي امن ۽ استحڪام جي مفاد ۾ قبول ڪيو ويو آهي. وزيراعظم آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو جا به خاص طور تي ٿورا مڃيا ۽ چيو ته انهن ڏکڻ ايشيا ۾ امن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. شهباز شريف وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان جو يقين آهي ته جنگبندي مسئلن جي حل لاءِ هڪ نئين شروعات آهي. جنهن سان امن، خوشحالي ۽ استحڪام جو سفر شروع ٿيندو. هوڏانهن ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري وڪرم مِسري تصديق ڪئي آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ مڪمل جنگبندي تي اتفاق ٿي ويو آهي. جيڪا ڀارتي وقت موجب شام پنجين وڳي کان لاڳو هوندي. نئين دهلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وڪرم مسري ٻڌايو ته پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز(ڊي جي ايم او) اڄ منجهند ٽين لڳي 35 منٽ تي ڀارتي هم منصب سان رابطو ڪيو جنهن دوران ٻنهي پاسي جنگبندي تي اتفاق ڪيو ويو. ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري چيو ته "هن معاهدي تحت زميني، هوائي ۽ سامونڊي حدن ۾ مڪمل طور جنگبندي هوندي. هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ 12 مئي تي ٻيهر ڳالهيون ٿينديون.

سنڌوءَ تي "آبي- دهشتگردي" تاريخ جي آئيني ۾

ڊاڪٽر الياس پيڻو

پاڪستان جي قيام کان وٺي وفاقي حڪومت رياستي طاقت جي زور تي ٻين صوبائي اڪائين جي پيٽ ۾ دادلي پنجاب کي مالي وسيلن جي ورڇ ۾ شينهن وارو حصو ڏيندي آئي آهي چاهي ان تي حق هجي يا نه هجي، سندس وات ۾ پئي وڌو آهي. اهو ئي سبب هو جو 16 ڊسمبر 1971 تي وڏي اڪثريت رکندڙ بنگال جو صوبو پاڪستان ۽ وفاق جي ظلمن کان بيزار ٿي ان کان هميشه الڳ ٿي ويو. يقيناً پاڪستان ان تاريخي خطا مان ڪو به هاڪاري سبق نه سکي سگهيو آهي. وفاق ۽ فوج طرفان بلوچستان جي قدرتي وسيلن جي لٽ مار، حساس ادارن طرفان سندن نوجوانن جي جبري طور گُم ڪرڻ/اذيتون ڏئي قتل ڪرڻ، ۽ هٿ وٺي انهن کي غربت ۽ لاچاري جي جهنم ۾ ڌڪڻ جي ڪري هن وقت بلوچستان ميدانِ جنگ بڻيل آهي. خيبر پختونخواهه ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سياسي اڳواڻ ۽ سندن حامين تي ڌرتي تنگ ڪيل آهي. سنڌ ۾ بدعنواني جي ناسور کي دانسته طور هٿي ۽ وڌرائي فورسز وفاق ۽ پنجاب اسان جي جو ڊبيل نمائندن کي مهرن وانگر استعمال ڪندي سنڌ جا قدرتي وسيلا، سالاڻ بجيٽ ۾ ٽيڪس اوڳاڙي وسيلي ملڪي آمدني ۾ 70٪ حصي تي مسلسل راتاها هڻي رهيا آهن. چوندا آهن ته حرص ۽ لالچ جنهن جي جسم ۽ دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ته اها ڪڏهن به گهٽجي نه سگهندي آهي پر وقت سان گڏ وڌندي ويندي آهي. ان ڪري هاڻي پنجاب ۽ وفاق ظلم ۽ لالچ جي انڌ ۾ "ڪارپوريٽ فارمنگ" جي آڙ ۾ سنڌ جي جياپي يعني سنڌو دريا تي ڪلي عام ڌاڙا هڻي رهيا آهن ۽ انهن سنڌوءَ تي ڇهن غير قانوني ڪينالن جي تعمير جو نه رڳو اعلان ڪيو آهي، پر انهن تي تيزي سان ڪم پڻ ڪري رهيا آهن. سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ درياءَ سنڌوءَ جي پاڻي جي ورڇ بابت تاريخي تڪرار هڪ ڏگهي عرصي کان چڪتاڻ جو سبب رهيو آهي. سنڌ پاران پنجاب صوبي ۽ پاڪستان جي وفاقي حڪومت تي پنهنجي جائز حصي جي پاڻي جي چوري جا الزام لڳايا ويندا رهيا آهن. آزادي کانپوءِ جي شروعاتي سالن کان وٺي، سنڌ اهو موقف اختيار ڪندي رهي آهي ته غير منصفاڻي پاليسين تحت سنڌو درياءَ تي مٿاهين پاسي تعمير ڪيل بندن/آبي ذخيرن ۽ ان مان ڪڍيل واهن ذريعي پنجاب طرفان سنڌ جي مقرر ڪيل پاڻي جو حصو ناجائز طور تي زوري ڪنيو ويندو رهيو آهي.

. ان ڪري سنڌ جي زرعي معيشت، ماحولياتي نظام، ۽ مجموعي طور عوام جي عام زندگي تي سخت منفي اثر پيو آهي. جيتوڻيڪ 1991ع ۾ پاڻي جي ورڇ بابت هڪ عارضي معاهدو طئي ٿيو هو پر سنڌ جو چوڻ آهي ته ان معاهدي تي به مسلسل عملدرآمد نه پيو ڪيو وڃي. پاڻي جي ورڇ ۾ ڪٽ تي ناانصافيءَ سبب نه رڳو سنڌ صوبي ۾ محروميءَ جو احساس وڌيو آهي، پر ان ظلم وفاقي حڪومت ۽ سنڌ جي وچ ۾ اعتماد جي ڪوٽ کي به وڌايو آهي. سنڌ لاءِ پاڻي جو مسئلو هاڻي صرف وسيلن جو نه، پر هڪ قومي ناانصافيءَ جي علامت بڻجي چڪو آهي. هن ڪالم ۾ اسان وفاق جي آشيرواد سان پنجاب جي "پاڻي_دهشتگردي" بابت تاريخ جي آئيني ۾ هڪ مختصر جائزو وٺنداسين. 1945 وارو سنڌ_ پنجاب معاهدو: 1945 ۾ انگريزن جي پاڄاڻي دور دوران سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ هڪ معاهدو طئي ٿيو هو جنهن مطابق سنڌ کي سنڌو درياءَ جي ميسر پاڻي مان 75٪ ۽ ٻين درياهن جي ميسر پاڻي مان 25٪ پاڻي ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. 1960 وارو سنڌ طاس پاڻي معاهدو (انڊس واٽر ٽريٽي): 1960 دوران اقوامِ متحده ۽ ورلڊ بينڪ جي ٽالثي ۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ٿيل معاهدي تحت 3 اوڀر وارا درياهه يعني راوي، ستلج ۽ بياس ڀارت کي وڪڻي ڏنا ويا ۽ جڏهن ته 3 اولهه وارا درياهه يعني سنڌو، جهلم ۽ چناب پاڪستان جي حصي ۾ آيا، جن تي به ڀارت کي پاڻي جي کپت نه ڪندڙ منصوبا جهڙوڪ پاڻي- بجلي_گهر ٺاهڻ جا اختيار ڏنا ويا هئا. جيئن ته 1955 ۾ بنگلاديش (جيڪو ڊسمبر 1971 ۾ پاڪستان کان ڌار ٿي ويو هو) جي اڪثريت کي مات ڏيڻ لاءِ اولهه پاڪستان جا چارئي صوبا ختم ڪيا ويا هئا ۽ انهن کي گڏائي اولهه پاڪستان جو هڪ صوبو يا "ون يونٽ" جوڙيو ويو هو

. اهو ئي سبب هو ته 1960 واري هن ناهه ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جي سڀني متاثر صوبن جي هٿ ٺوڪي رضامندي ممڪن بڻائي وئي هئي. سنڌ جو موقف آهي ته هي معاهدو ان وقت عمل ۾ آيو هو جڏهن ان جي صوبائي حيثيت ختم ڪيل هئي، نتيجي ۾ ان جي پاڻي جي حقن کي آساني سان نظرانداز ڪيو ويو هو. اهڙن ٽي سنڌ دشمن لاڙن جي ڪري سنڌ لاڳاپيل فورمن تي وقتاً فوقتاً پنهنجا تحفظات اپاريندو رهيو آهي. 1991 وارو پاڻي جي ورهاست وارو معاهدو: 1991 ۾ ڪجهه سالن (1977 کان 1982) دوران ميسر پاڻي جي بنياد تي عارضي ورچ لاءِ چئن صوبن وچ ۾ هڪ معاهدو طئي ٿيو جنهن ۾ پنجاب لاءِ 55.94 ملين ايڪڙ فوٽ (MAF) يا 48.92٪ حصو، سنڌ لاءِ سالياني 48.76 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي يا 42.64٪ حصو، خيبر پختونخوا لاءِ 3.7 ملين ايڪڙ فوٽ يا 5.05٪ حصو مقرر ٿيو ۽ بلوچستان لاءِ 3.87 ملين ايڪڙ فوٽ يا 1.02٪ حصو مقرر ٿيو. سنڌ جو الزام آهي ته سنڌ کي هن وقت تائين هر سال گهٽ کري مٿي مقرر ٿيل حصي کان گهٽ پاڻي ڏنو ويو آهي. 2009 وارو سنڌ ۾ پاڻي جو نقصان: 2009 دوران پاڻي ماهرن جو چوڻ هو ته سنڌ اندر آبپاشي جو 60٪ پاڻي، چوري، ناقص ڍانچن ۽ انتظامي ناڪاميءَ سبب ضايع ٿئي ٿو جنهن سان پاڻي جي کوٽ وڌيڪ وڌي رهي آهي. 2010 واري بين الاقوامي ڪميشن جي گهر: 2010 دوران عوامي تحريڪن وسيلي اهو مطالبو ڪيو ويو ته سنڌ ۽ پنجاب جي پاڻي واري تڪرار تي بين الاقوامي ڪميشن مقرر ڪئي وڃي. ان وقت سنڌ جو اهو الزام هو ته پنجاب هزارين ڪيوسڪ پاڻي روزانو سنڌ جي حصي مان چوري ڪري رهيو آهي. ڀارت جي ڪشن گنگا ۽ رتل پروجيڪٽن تي اٽاري پاڪستان جي اعتراضن کي ڪميشن جي غير جانبدار پاڻي ماهر پروفيسر ريمنڊ رد ڪيو ۽ ڀارت کي اهي پروجيڪٽ پورا ڪرڻ جي اجازت ڏني. 2018 ۾ روزانو پاڻي چوري جو الزام: 2018 ۾ سنڌ جي آبپاشي اختيارين دعويٰ ڪئي ته پنجاب روزانو لڳ ڀڳ 4,000 ڪيوسڪ پاڻي سنڌ جي حصي مان غيرقانوني طور ۽ مسلسل چوري ڪري رهيو آهي. 2022 ۾ نشاندهي ڪيل پاڻي جي وهڪرن ۾ فرق: 2022 جي هڪ رپورٽ موجب، پنجاب جي تونسا بئراج مان 69,000 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏڻ باوجود سنڌ جي گڊو بئراج تي صرف 37,000 ڪيوسڪ پهتو جيڪا وڏي ڪوٽ ۽ وڏي چوري آهي. اهو هڪ واضع ثبوت آهي ته پنجاب سنڌ جي حصي جو پاڻي روزاني جي بنياد تي چوري ڪري رهيو آهي. 2023 ۾ ڏگهي عرصي کان پاڻي جي لٽ جو الزام: 2023 جي هڪ دستاويز مطابق پنجاب سالن کان سنڌ جي حصي جو پاڻي غيرقانوني طور وٺي رهيو آهي، جنهن سان سنڌ جي زرعي، سماجي ۽ ماحولياتي نظام تي وڏو اثر پيو آهي. 2024 ۾ پنجاب طرفان سنڌ تي وڏ کان وڏ پاڻي ڪٽڻ جو الزام:

"جنگ، جنون ۽ عورت

طفل مگسي

اڄ ڪلهه ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگ جا ڪڪر گهوڙها ٿي ويا آهن سرحدن تي چڪتاڻ آهي سياسي بيانن ۾ سختي وڌي وئي آهي ۽ سوشل ميڊيا تي هڪ جنگي ماحول مڙهيو پيو وڃي ان منجهان ڳڻتيءَ جوڳو ڪارڻ اهو آهي ته ڪجهه اهو خاص طور تي سوشل ميڊيا تي موجود بزرگ فردجن جي چهرن تي سفيد ڏاڙهيون ۽ زبانن تي جنگي ٽلول آهي اهو چئي رهيا آهن ته جيڪڏهن انهن جي ملڪ جنگ کٽي ته مخالف ملڪ جي ڪنهن مشهور اداڪاره کي هو "قبضي " ۾ ڪري جڏيندا اچڻ کو غنيمت جو مال هجي جيتوڻيڪ اهي جنگ کي Sexual Conquest (جنسي فتح) جي طور تي وٺي رهيا آهن اها ڳالهه نه صرف غير انساني (dehumanizing) آهي بلڪ هڪ مڪمل غير اخلاقي (unethical) پڻ آهي غير تهذيبي (uncivilized) ۽ پٿر جي دور جي سوچ جي ياد ورجائي ٿي يعني اهو اهڙوئي فڪري انداز آهي جيڪو هزارين سال پراڻين جنگي تهذيبن ۾ مڙهيل هو جڏهن فتح ڪيل علائقن جي عورتن کي کٽڻ جي نشاني سمجهيو ويندو هو مگر سوال اهو آهي ته ڇا اسان اڄ به ساڳيءَ هنڌ بيٺا آهيون؟ انساني شعور سائنسي فڪر ۽ جمهوري قدر ۽ برابري جي اصولن کان ڪجهه به ناهي پرايو؟

1. تاريخي نظ نظر

پراڻين تهذيبن ۾ جيئن رومن يوناني منگول ۽ ايسائين ته شروعاتي اسلامي فتحن ۾ به عورتن کي فاتح ٿيندڙ قومن جي حصي ۾ ڏيکاريو ويو مگر اهو هڪ pre_modern world oder هو جتي فرد جي حقن جي ڪا سڃاڻپ نه هئي عورت کي جنهن قبيلي يا قوم جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو اڄ جي دنيا ۾ Geneva convention ۽ human writes charter جي مطابق جنگ جي دوران ڪنهن به شهري خاص طور تي عورتن ٻارڙن ۽ بزرگن کي نقصان پهچائڻ يا بيعزتي وارو سلوڪ رکڻ war crime تصور هوندو آهي

2. فلسفيانو بناد

فلسفو چئي ٿو ته انسانيت جي معراج تڏهن ممڪن آهي جڏهن انسان هيئي انسان کي >مقصد <سمجهي" وسيلو" نه ڪانٽ(Immanuel Kant) جي (Categorical imperative) جي مطابق ڪنهن به انسان کي محض پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال ڪرڻ اخلاقن غلط آهي ان ڪري عورت کي"انعام" "فتح"يا"جائزو"سمجهڻ هڪ غير اخلاقي فلسفو آهي جيڪو instrumental reasoning تي مشتمل آهي نه ته انساني برابري تي

3. سماجي و ثقافتي تجزو

عورت کي ڪنهن به قوم جي عزت جو نشان بنائڻ بذات پاڻ هڪ patriarchal fallacy r آهي عزت فرد جي هوندي آهي جنس جي نه سوشيالوجي ۾ اهو لاڙو symbolic violence r سڏجي ٿو جتي عورتن کي قومن جي نشاني بڻائي ڪري انهن جي خودمختياري کسي ويندي آهي سوشل ميڊيا تي جيڪي meme تبصرا ڪيا وڃن ٿا

4. نفسياتي ڪارڻ

ماهر نفسيات جي مطابق جڏهن عورت کي شيءِ (object) جي طور تي پيش ڪيو وڃي ٿو تب مردانگي ذهن ۾ entilement control fantasies dominance needs پيدا ٿين ٿا جيڪي rape culture ۽ جنسي تشدد جهڙن ڏوهن جو بنياد بڻجن ٿا اهڙي سوچ ۾ empathy ختم ٿي وڃي ٿي ۽ بيو فرد صرف سڪون جو وسيلو بڻجي وڃي ٿو

5. ساس و جنگي سبب

ڪنهن به رياست جي قومي سوچ عورتن جي بيحرمتي تي هجي ته اها رياست داخلي طور تي intellectually bankrupt سمجهي وڃي ٿي جنگ ۾ دشمن جي سرزمين کي شڪست ڏيڻ هڪ سياسي عمل آهي مگر اتان جي عورتن کي بيحرمتي جو نشانو بنائڻ state_sponsored sexism جي برابر آهي جيڪو بين الاقوامي طور تي قوم جي ساک کي تباهه ڪري ٿو

6. سوشالوجي جي راءِ

،شهور شوشيالوجسٽ pierre bourdiue جي مطابق اهڙي سوچ "habitus" جو حصو آهي يعني اهو ته ثقافتي لاشعور جيڪو نسل در نسل منتقل ٿيئي ٿو جيڪڏهن ان جو توڙ نه ڪيو وڃي ته اهو structural violence جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿو سوشيالوجي مڃيئي ٿي ته عورت جو استحصال صرف انفرادي فعل ناهي بلڪ اهو هڪ سمورو نظام آهي جنهن کا شعوري طور تي ٽوڙڻ ضروري آهي

نتيجا ۽ حل

1. تعلم جي وسيلي شعور جي بيداري اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ gender ethics ۽ human rights تي تعليم ڏني وڃي ته جيئن اچڻ واري نسل کي پروڙ پوي ته انسان جي عزت وحرمت جا آهي 2. سوشل ميڊيا تي قانونن جو پابند انهن فردن کي جيڪي انهيءَ نموني جي ڳالهه ڪن ٿا cyber crime law جي تحت جواب ڏيندڙ بڻايو وڃي ته جيئن ٽلول جي ناليءَ تي نفرت کي واڌارو نه ڏئي سگهجي 3. سڪولر اخلاقات جي تعلم: ڪنهن به مذهب يا قوم جي خيال کان مٿاهون ٿي ڪري صرف انساني بنيادن تي عورت ۽ مرد جي برابري کي مڃڻ سيکاريو وڃي 4. ميڊيا ۾ نمائندگي جي تبديلي عورت عورت کي صرف victim يا object جي طور تي نه ڏيکاريو وڃي بلڪ با اختيار خودمختيار ۽ قائداڻي ڪردارن ۾ پيش ڪيو وڃي 5. رياستي سطح تي رد عمل: حڪومتن کي گهرجي ته اهڙن ڳالهين جي سرڪاري سطح تي مذمت ڪن ۽ دنيا کي ڏيارين ته اهي انساني وقار کي اهميت ڏين ٿيون نه ته قبائلي فتح جي پراڻي تصور کي مگر مستقبل ۾ هڪ اهڙو شعور پيدا ڪن جيڪو هر آدم کي برابر سمجهي اهو ضروري آهي ته اسان پنهنجي ماضيءَ جو تجزيو ڪيون مگر مستقبل ۾ هڪ اهڙو شعور پيدا ڪيون جيڪو هر آدم کي برابر سمجهي عورت نه ڪنهن جي عزت آهي نه غيرت ۽ نه ئي غنيمت جو مال بلڪ هڪ مڪمل انسان آهي ۽ ڪنهن جنگ کٽ يا هار جي نشاني ناهي ان سوچ کي ختم ڪرڻ صرف عورتن جي لاءِ نه بلڪ مردن جي (Moral emancipation اخلاقي آزادي) جي لاءِ به ضروري آهي جيستائين اسان جنگ کي فتح جي نشاني جي بجاءِ بربادي جو نانءُ نه ڏيون تيستائين اسان تهذيب يافته سڏرائڻ جي لائق ناهيون اهائي اصلي فتح آهي جيڪا جنگ کان نه بلڪ شعور کان حاصل ٿيڻي ٿي؛

هڪ ڀاءُ جو تعلقات اگر ڀيڻن سان سٺا آهن

سغران بانو

تون هوءَ ڀيڻ اسڪو جو آخري مرد قرار ڏنو آهي دنيا جي دوستيءَ سان منهنجو رشتو منهنجي ڀاءُ سان تمام گهڻو جهڙو آهي جنهن سان هر ڳالهه کي شيئر ڪيو وڃي. خير ۾ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ هر ڳالهه شيئر ڪندي هئي. الله تعاليٰ جي ماءُ پيءُ کان پوءِ جو خوني رشتا نوازا مان هن ڀائٽيءَ جي ڀاءُ کي جيو آهي ته هي سڀ رشتن ۾ وڏي عرصي کان پوءِ سچي جمار کان وٺي سندس زندگين ۾ قائل آهي. هڪ ٿي ماءُ پيءُ جي اولاد جي ڏيءَ جي روپ ۽ صورت ۽ رنگ روپ ۾ هڪ ٻئي کان مختلف. ڪووري گورا چٽا آهي ته ڪو سانولا سلونا ڪو لمبا هوندو آهي ته ڪو ننڍو وڏو رهجي ويندو آهي ڪا وڏي غزالي انکهن وارو ته ڪا ننڍين ننڍين اکرن وارو هوندو آهي. پر قدرتي طور تي ڀاءُ جي وچ ۾ اسان جي محبت ۽ پيار ختم ٿي ويندو آهي، هي هڪ ٻئي جا سڀ کان وڏي محرم رازياڻ آهن. جنهن جا بهترين دوست آهن غمگسار اپيل جان نثارن جو ڀاءُ محبت جو ته ڪڏهن به مصيبت آهي. ڪڏهن دوستي جو ته ڪڏهن روئڻهارکو ۽ من جو به بچندو آهي ته ان دم کان گهرڻ ۾ خوشيون رنگ بخيرتيون هونديون آهن ڀيڻن جو وقار ڀاءُ جي راجا دلاري ٿينديون آهن ته ڀيڻن لاءِ قربانيون پڙهون. ڀيڻن جي ڀاءُ محبت ڪوئيچ نه ڪندو آهي ته محبت ۾ ايمان جي ڳالهه ٿيندي آهي ته ان ۾ لال ڀاءُ. هڪ ڀاءُ وانگر پنهنجي پيار جو اظهار نٿو ڪري سگهي ته ڪيترن ئي ڀاءُن جي پيار جتا ڪي پاڻي نه ٿو پر ان ۾ هڪ ڳالهه آهي. چوءُ ته ڪين اپس ۾ بي حد ۽ بي تحاشه پيار هوندو آهي، ڀاءُ جي پيار جو تصور ئي خوبصورت هوندو آهي اهڙيءَ طرح منهنجي ۽ منهنجي ڀاءُ جي محبت جو هڪ سچو ۽ خوبصورت مثال آهي. جنهن سان منهنجو خيال به هو منهنجو پيپلو ڪاڏو نه ڪاڏو هي پر صرف پڙهڻ ۾ ئي لڳل هئس ۽ ان لاءِ مون کي پنهنجي جذبي مان هڪ نوال سمجهندا هئا ۽ ان ۾ پڙهي ويندي هئي زندگي، هي منهنجي لاءِ تمام خوبصورت آهي. ان لمحن مان به ڪڏهن ياد اچي ويندو هو ته مون کي ياد نه ايندو هو ته مون کي هرحال ۾ منهنجي غلطي ٿيندي هئي، پر مون کي اهو احساس هو ته اهي ٻارن کي بلڪل اٿين ئي سمجهندا هئا، جيڪي مون کي سمجهندا هئا. هوءَ ته پوءِ مون کي بچپن ياد آهي ڪنهن چوڪريءَ سان گڏ راندڪن ۾ ناهيان ته مون کي هڪ ڊرامي واري چوڪري لڳي هئي ۽ پنهنجي گهر مان نڪرندي هئي. سو ڪنهن سان گڏ ناهي ته راندڪي هوندي به وڏي غلط فهمي هوندي آهي ته مرد وڏي ۽ روئيندڙ نه هوندو آهي،

ڪنهن جي پيءُ جي اولاد ۽ محبت ڪرڻ لاءِ وڏي ڀاءُ شيشه به ايتري نازڪ ناهي. عورت مرد هوندي آهي زندگي ۾ جتي خوشيون ڏينديون آهن خيرن سان به پالا ٿي ويندو آهي گويا انسان جنهن جي دل ۾ درد هوندو آهي ۽ ان ۾ مون کي ڪنهن درد جو احساس ٿيندو آهي ته ڏاڍو دلڪش لمحا هوندا هئا منهنجي ڀاءُ کي روز رات دير سان هوءَ ته انتظار ۾ هوندا هئاسين ته ڪڏهن واپس ايندا هئاسين ته ماني ڪائي گهر ۾ سمهندو هوس ته ڪڏهن ڪو ڪتاب پڙهندو هو يا موبائيل هليو ويندو هو پر انتظار ۾ مون کي هڪ ڳالهه ڏاڍي لڳندي هئي، اها ڳالهه هئي ته هوءَ ڪاڻ پيئڻ جي شراب نه هوندي هئي، يعني اهو ضروري هوندو هو ته ٻچپن مان ئي ڪيس ميڻاج جو شوق هوندو هو، جنهن ۾ وڏيڪ جيتي مِٺا پيا هوندا هئا، جنهن جي ڪري هن کي ٽيوڻ پيرو ملندو هو. ڊبٽيز ٿي وئي هو ايترو حسين هوندو هو، جنهن ۾ هن خاندان جي حسين وڙهندي هئي ۽ يقين ٿي نه هو ته مون کي نظر لڳي هئي ته مون کي سردين جون راتيون ياد ايندڙيون آهن ۽ انهن کي روزانو راتيون لڳنديون هيون. ڏسندا هئاسين ته مون کي ۾ فرج جيڪ ڪرڻ لاءِ اميءَ کي خبر پوندي هئي، ان لاءِ ڪجهه نه ڪجهه رکڻو پوندو هو پر هڪ رات ياد اچي وئي هئي، بس مون کي معذوريءَ کان وٺي حالت خراب هئي. ڪيڏا نه عجيب هئاسين ته به پيرا فرج جيڪ ڪيو ان ۾ به ڪجهه نه پڙهيو هوم ته بس سوڊي به پير جي روٽي پڙهي هئي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ٿيو هو جنهن ۾ چيو هيس ته هي روٽي پيو ته گيسٽ جيڪ ڪيو به نه. هئي جي بنياد تي پر ان حالت ۾ ڪيس ڪا به شيءِ چاهڻ جي ضرورت هئي، جنهن مان هن ڪا شوگر ليول صحيح ٿي وڃي ته ڀاءُ چيو ته نيڪ آهي ۽ روٽي صرف به پيرا هن کي ڏسي رهي هئي ته هوءَ جلدي جلدي هئي، تو روٽي سوڊي پئي ڪاڏي ۾ ڏکيائي هئي، پر سوچي رهي هئي ته انسان ڪمزور ٿي ويندو آهي، جڏهن انسان مجبور هوندو آهي ته اهو ته ڏسندو آهي ته مان ڇا ڪاٿي رهيو آهيان، اهو ئي چاهيندو آهي ته مون کي محسوس ٿيندو آهي. هو مجبوريءَ سان زندگي گذارڻ سان گڏ هڪ حالت بڻجي وڃي ٿي، جنهن ۾ انسان جو ضابطو آهي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين اهو به ختم ٿي ويندو آهي ته هن جي مجبوري به انسان جي مرضيءَ سان پيدا ٿيندي آهي. ان ۾ مزوونڻ جو عمل فطري آهي ۽ وري بند ڪاٿڻ جي ڳولا ۾ لڳندو آهي اصل ۾ اها ڳالهه انسان تي ئي موقوف ناهي پر ڪائنات جي هر شيءِ مجبور آهن.

بقايا 01 ----------

. ڊونلڊ ٽرمپ ٻنهي ملڪن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت هوش ۽ ڏاهپ جو مظاهرو ڪيو آهي. ٻي پاسي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پڻ جنگبندي جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت ترت سيزفائر تي اتفاق ڪري ورتو آهي. ياد رهي ته 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارت، پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي پنجن هنڌن تي حملا ڪيا هئا. جنهن جو پاڪ فوج وقتائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو هو ۽ ڀارت جا 5 جهاز به تباهه ڪيا هئا. پاڪستان طرفان بار بار خبردار ڪرڻ باوجود ڀارت جارحيت جاري رکي، جنهن ۾ ڊرون حملن ڪانپوءِ ميزائل ذريعي پاڪستاني ايئر بيسز کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ ڏهه مئي جي صبح ڀارت جي جنگي جنون کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان طرفان آپريشن "بُنيانٌ مَرصُوص" جي نالي سان شروع ڪئي وئي جوابي ڪارروائي ۾ ڀارت جا ڪيترائي هوائي اڏا، چيڪ پوسٽون ۽ فوجي ٽاڪ تباهه ڪيا ويا آهن. وزيراعظم شهباز شريف ڀارت کي جنگبندي تي راضي ڪرڻ تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو شڪريو ادا ڪيو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ "ايڪس" تي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم لکيو ته پاڪستان صدر ٽرمپ جي قيادت ۽ خطي ۾ امن لاءِ سرگرم ڪردار تي سندس ٿورائتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جنگبندي جي موقعي تي سهڪار ڪرڻ تي آمريڪا جي ڪوشش کي ساراهي ٿو ۽ جنگبندي کي علائقائي امن ۽ استحڪام جي مفاد ۾ قبول ڪيو ويو آهي وزيراعظم آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو جا به خاص طور تي ٿورا مڃيا ۽ چيو ته انهن ڏکڻ ايشيا ۾ امن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو شهباز شريف وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان جو يقين آهي ته جنگبندي مسئلن جي حل لاءِ هڪ نئين شروعات آهي. جنهن سان امن، خوشحالي ۽ استحڪام جو سفر شروع ٿيندو هوڏانهن ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري وڪرم مِسري تصديق ڪئي آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ مڪمل جنگبندي تي اتفاق ٿي ويو آهي جيڪا ڀارتي وقت موجب شام پنجين وڳي کان لاڳو هوندي. نئين دهلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وڪرم مسري ٻڌايو ته پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل ملٽري آپريشنز(ڊي جي ايم او) اڄ منجهند ٽين لڳي 35 منٽ تي ڀارتي هم منصب سان رابطو ڪيو جنهن دوران ٻنهي پاسي جنگبندي تي اتفاق ڪيو ويو ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري چيو ته "هن معاهدي تحت زميني، هوائي ۽ سامونڊي حدن ۾ مڪمل طور جنگبندي هوندي. هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ 12 مئي تي ٻيهر ڳالهيون ٿينديون

بقايا 02 ----------

۾ موجود ڀارتي ايس_400 دفاعي نظام کي نشانو بڻايو جنهن جي ماليت لڳ ڀڳ 1.5 ارب ڊالر آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان طرفان جاري ڪارروائي دوران بياس ۾ موجود اسٽوريج ڪمپليڪس مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويو جتان پاڪستان تي حملا ڪيا ويا هئا. ڀارتي هوائي اڏي "هلوارا ايئر فيلڊ" کي به نشانو بڻايو ويو جڏهن ته آدميون پٺانڪوٽ، سورت گڙهه، ساموبي اکنور جمون سرسا ۽ برنالا جا هوائي اڏا اڳ ۾ ئي تباهه ڪيا ويا هئا. ميڊيا موجب پهڪليان سيڪٽر ۾ به پاڪ فوج ڀارتي پوسٽن کي نشانو بڻايو جتي ريحان والي پوسٽ، جزيرا پوسٽ ڪمپليڪس، ڪافر مهري، شاهين ۽ غدر ڪاپ سميت ڪيترين ئي چوڪيون تباهه ڪيون ويون ان ڪانسواءِ پير ڪانلي سيڪٽر ۾ قلعو ڊيس گرين پليٽو ۽ جنگل ون پوسٽ ۽ ڏوڙدي سيڪٽر جي ساموهن "نيو ڪمپليڪس" به نشانو بڻايو پاڪستان جي جوابي حملن دوران پاڪ فوج جي " نعره تڪبير الله اڪبر" جي نعري سان فضا گونجي اٿي ۽ پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو اثرائتو جواب ڏئي رهي آهي سڪيورٽي ذريعن موجب، ڀارت جي جنگي جنون کي منهن ڏيڻ لاءِ شروع ڪيل آپريشن بنياد تي ٻڌل ۽ دفاعي حڪمت عملي سان جاري آهي ميڊيا موجب آدمپور ايئر بيس کي پاڪستان طرفان فائر ڪيل ڪن ميزائلن سان نشانو بڻايو ويو جنهن کان پوءِ اتي باهه لڳي وئي ۽ شديد افراتفري واري صورتحال پيدا ٿي وئي تباهه ٿيل براهموس اسٽوريج سائيٽ جي وڊيو منظر عام تي اچي چڪي آهي، جنهن ۾ چٽي نموني ڌماڪن جا منظر ڏنهون ۽ باهه جا شعلا ڏسي سگهجن ٿا. ميڊيا موجب پاڪ فوج پنهنجي فتح_ ون ميزائل سسٽم ذريعي ڀارتي ٽاڪن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو جن مان ڪيترين ئي ويڊيوز سامهون اچي چڪيون آهن فتح_ ون جي حملي سان ڀارت جا ڪيترائي اهم هدف تباهه ٿي چڪا آهن ياد رهي ته ڀارت پهلگام حملي کان پوءِ 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڪشميس مريدڪي، احمد پور شرقيه سميت ڪيترن ئي شهرن جي شهري آبادي کي نشانو بڻايو جنهن ۾ به مسجدون شهيد ٿيون جڏهن ته 31 پاڪستاني شهيد ۽ 51 زخمي ٿيا. سڪيورٽي ذريعن موجب، هي ڪارروائي ڀارت کي اهو پيغام ڏيڻ لاءِ آهي ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري ۽ سلامتي تي ڪنهن به قيمت تي سمجهوتو نه ڪندو

بقايا 03 ----------

مرصوص" جي صورت ۾ ڀارت کي ڏنل اثرائتي جواب بابت آگاهه ڪيو ملاقات دوران نائب وزيراعظم پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ قانون ۽ انصاف وارو وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ پڻ موجود هئا. صدر هندستان جي بي سبب جارحيت ۽ ميزائل حملن جو مناسب جواب ڏيڻ تي ملڪ جي هٿيارٻند فوج جي غير معمولي پيشيورانه صلاحيت ۽ بهادري جي تعريف ڪئي صدر چيو ته پاڪستان هڪ ذميوار ۽ امن پسند قوم جي حيثيت سان ڀارتي اشتعال انگيز ڪارروائين جي سامهون ڪافي صبر جو مظاهرو ڪيو آهي. صدر چيو ته افسوس سان چوڻو پوي ٿو ڀارتي جارحيت جي ڪري، پاڪستان وٽ پنهنجي خودمختياري جي دفاع ۽ پنهنجي شهرين جي حفاظت لاءِ فيصلي واري جواب ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي صدر چيو ته پوري پاڪستاني قوم متحد آهي ۽ ڀارتي جارحيت جي منهن ۾ پنهنجي هٿيارٻند فوج جي مڪمل حمايت ڪري ٿي پاڪستان هر قيمت تي پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جو دفاع ڪندو

بقايا 04 ----------

عملدرآمد ڪنديون پر ڀارت جي سالميت جي حفاظت لاءِ فوجون مڪمل الرٽ رهنديون پرڏيهي خاپرواداري موجب، ڀارتي نيوي جي ڪموڊور راڳهو نائر چيو ته "اسان جنگبندي جو احترام ڪنداسين پر ڀارت جي سرحدن ۽ خودمختياري جي حفاظت لاءِ فوجون تيار آهن. "بريفنگ" دوران ڀارتي فوج جي ڪرنل صوفيه قريشي پاڪستان طرفان هلندڙ آپريشن "بُنيان مرصوص" دوران ڀارتي هوائي دفاعي نظام ايس 400 کي تباهه ڪرڻ واري دعويٰ کي رد ڪندي چيو ته "اها خبر بي بنياد آهي."

بقايا 05 ----------

۾ واڌاريل ڪشمير جي راجوڙي ضلعي جو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر راج ڪمار ٿاپا مارجي ويو ميڊيا رپورٽن موجب، راج ڪمار ٿاپا ڀارتي حڪومت جي حمايت سان ڪشمير اندر دهشتگردن جو سهولتڪار هو جيڪو مقامي مسلمانن لاءِ ڏهڪاءَ جي علامت بڻجي ويو هو هو ڀارتي فوجي قيادت جي اهم ڳڏجاڻين پڻ شامل ٿيندو هو ياد رهي ته 6 ۽ 7 مئي جي وچ واري رات ڀارت، پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي پنجن هنڌن تي حملا ڪيا هئا، جنهن جو پاڪ فوج وقتائتو ۽ ڀرپور جواب ڏنو هو ۽ ڀارت جا 5 جهاز به تباهه ڪيا هئا پاڪستان طرفان بار بار خبردار ڪرڻ باوجود ڀارت جارحيت جاري رکي جنهن ۾ ڊرون حملن ڪانپوءِ ميزائل ذريعي پاڪستاني ايئر بيسز کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ ڏهه مئي جي صبح ڀارت جي جنگي جنون کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان طرفان آپريشن "بُنيان مرصوص" جي نالي سان شروع ڪئي وئي جوابي ڪارروائي ۾ ڀارت جا ڪيترائي هوائي اڏا، چيڪ پوسٽون ۽ فوجي ٽاڪ تباهه ڪيا ويا آهن

بقايا 06 ----------

عرب امارات جي دوستي جي علامت کي نشانو بڻايو آهي هي هوائي اڏو 1993 ۾ ڏاهيو ويو هو ۽ ان جو نالو شيخ زيد بن سلطان النهيان جي نالي تي رکيو ويو هو

بقايا 07 ----------

سمجهيو ويندو اجلاس ۾ چيو ويو ته ڀارتي رياست يا شهرين جي سلامتي کي خطري ۾ وجهڻ به جنگي عمل جي زمري ۾ ايندو ۽ ان جو جواب جنگي انداز ۾ ڏنو ويندو واضح رهي ته پاڪستان جي جوابي ڪارروائي ڪانپوءِ ڀارت ۾ هي اجلاس سڏايو ويو هو جڏهن ته ٻئي ملڪ هاڻي ترت مڪمل جنگبندي تي راضي ٿي چڪا آهن

بقايا 08 ----------

ڪيمپل تي فالس فليگ آپريشن ڪيس عورتن ۽ ٻارن کي نشانو بڻايو بيگناهه ٻارڙن جو رت پچي رهيو آهي ته انصاف ڪنهن کان گهرون؟ ڀارت سِک_مسلم ڀائيچاري کي نقصان پهچائڻ چاهي ٿو سردار رميش چيو ته پاڪستان، ڀارت جي ابتڙ ڪڏهن به سکن جي مذهبي هنڌن کي نشانو بڻايو آهي سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ سڀني اقليتن جا حق محفوظ آهن ۽ سندن عزت ڪئي وڃي ٿي هن چيو ته دنيا جي سک برادري کي مڪمل اعتماد آهي ته پاڪستان ڪڏهن به سندن مذهبي هنڌ تي حملو نه ڪندو مودي سرڪار بابت ڳالهائيندي سردار رميش چيو ته ڀارت ۾ رهندڙ اقليتون پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ٿيون اڄ ڀارت ۾ عيسائي، ڪشميري، سک، مسلمان سڀ پريشان آهن هن چيو ته "امن اسان جي خواهش آهي، ڪمزوري نه" هر ڪو به واضح ڪيو ته ڪرتارپور راهداري اڄ به کليل آهي ۽ سِک ياترين جون زيارتون ختم نه ڪيون ويون آهن

بقايا 09 ----------

جو حملو ٻڌ لاڳو هو اسان پهرين 5 رافيل جهاز ڪيرايا ۽ پوءِ دشمن جا ڊرون به تباهه ڪيا، ڀارت جون ڪيترين ئي چوڪيون ۽ ايئرفيلڊز کي سخت نقصان پهتو آهي وفاقي وزير چيو ته اسان شروعات نه ڪئي، پر هن ڀيري جڏهن ڀارت جارحيت ڪئي ته اسان سخت جواب ڏنو هنن جا لعل چهرا ڏٺيل آواز ۽ ڪريل مورال پاڻ ٻڌائي رهيا آهن ته ڪين ڪيترو وڏو نقصان رسيو آهي عطا الله تارڙ چيو ته اسان اڳ ئي چيو هو ته اسان تيار آهيون آزمايو ته اسان سفارتي سطح تي به ڪيترن ئي ملڪن سان رابطن ۾ رهياسين ۽ اسان جي جوابي حملي کانپوءِ ڀارت کي تمام وڏو نقصان پهتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڀارتي ميڊيا جيڪو ڪالهه تائين شور ڪري رهيو هو اڄ بلڪل خاموش آهي پاڪستان جي فوج هر محاذ تي ڀارت کي سخت جواب ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڀارت وٽ نه ته سٺا پائيلٽ آهن ۽ نه ئي انهن جا ڊرونز کو خاص نقصان رسائي سگهن ٿا.

بقايا 10 ----------

ڏينهن صبر جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته عالمي برادري به پاڪستان جي حمايت ڪئي آهي، جڏهن ته ڀارت پهلگام واقعي جي عالمي جاچ کان ڇوڙجي رهيو آهي؟ بلاول ڀٽو جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڀارت بلوچستان ۾ دهشتگردن جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهي. ۽ پاڪستان پنهنجي زمين تان ڀارتي جاسوس ڪلڀوشن کي گرفتار ڪيو ٻئي پاسي مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته الله جو شڪر آهي جنهن پاڪستان کي سرخرو ڪيو نواز شريف چيو ته مان وزيراعظم شهباز شريف، آرمي چيف جنرل عاصم منير ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر ۽ پاڪ فوج کي دل جي گهرائين سان شاباس ۽ مبارڪباد ڏيان ٿو اڳوڻي وزيراعظم جو چوڻ هو ته پاڪستان امن پسند ملڪ آهي جيڪو هميشه امن کي ترجيح ڏئي ٿو پر پنهنجو دفاع به ڪرڻ ڄاڻي ٿو

بقايا 11 ----------

آهي ته پاڪستان جي شاهينن دشمن کي ڀرپور جواب ڏئي قوم جو ڳاٽ اوچو ۽ ڀارت جو غرور خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي وطن جي دفاع لاءِ سڄي قوم متحد آهي اسين پاڪ فوج جي شاهينن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا هن اڄ پنهنجي بيان ۾ چيو ته بزدل ڀارت اسان جون مسجدون ۽ ٻارڙا شهيد ڪيا، پر اسان دشمن جي فوجي تنصيبات کي نشانو بڻايو هي جنگ اسان شروع نه ڪئي هئي ڀارت اسان تي مڙهي آهي، تنهنڪري انهن کي سخت جواب ڏيڻ ضروري هو هن زور ڀريو ته سنڌ طاس معاهدي کي بحال ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪئي وڃي. ڇو ته اهو سنڌ ۽ پاڪستان جي لائف لائن آهي ڀارت جو پاڪستان جو پاڻي روڪڻ آبي دهشتگردي آهي سنڌ طاس معاهدو پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ هڪ ٻطرفو عالمي معاهدو آهي جيڪو ڀارت يڪطرفي طور ختم نٿو ڪري سگهي ماضيءَ ۾ ڀارت هن معاهدي جي ڪيترائي ڀيرا ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ پاڪستان جي درياءَن تي ٻڌ بجلي منصوبا تعمير ڪري پاڪستان ۽ انڊس پاڻي کي متاثر ڪيو آهي جيڪو عالمي قانون ۽ معاهدي جي سخت ڀڃڪڙي آهي. هن گهوٽڪي جي ڳوٺ داد لغاري ۾ ڀارتي ڊرون حملي ۾ شهيد ٿيل مختيار لغاري جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ جيڪب آباد سميت مختلف شهرن ۾ دشمن جي ڊرون ڪرڻ سبب زخمي ٿيل شهرين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي جي پڻ دعا ڪئي

بقايا 12 ----------

ٻيهر بي مثال جرئت ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو آهي هن چيو ته هو پاڪستان جي صدر وزيراعظم ۽ پاڪستاني هٿيارٻند فوج جي سربراهن، آفيسرن، ٻارن ۽ سپاهين کي مبارڪباد پيش ڪري ٿو ۽ قوم جي همت کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو جن هن ڏکئي وقت ۾ پنهنجي همت ۽ ثابت قدمي سان پاڪستان جو نالو روشن ڪيو خورشيد شاهه چيو ته اسان امن پسند آهيون پر اسان جو پاڙيسري ڀارت اسان جي امن جي خواهش کي اسان جي ڪمزوري سمجهي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي اسان جي دفاعي صلاحيتن بابت ڪا غلط فهمي آهي ته ان کي هاڻي دور ڪرڻ گهرجي هن چيو ته هن جنگ ۾، پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پنهنجي دلير قيادت ۽ هوشياري سان هر لمحي پاڪستاني فوج ۽ عوام جو حوصلو بلند رکيو ۽ هڪ لمحي لاءِ به قومي وقار ۽ وقار کي نقصان نه پهچڻ ڏنو هن چيو ته هن ويڙهه ۾، هو چيئرمين پي پي پي بلاول ڀٽو زرداري جي دلير قيادت کي به سلام پيش ڪري ٿو جنهن هن ڏکئي وقت ۾ حڪومت ۽ عوام سان گڏ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

بقايا 13 ----------

انٽرنيشنل ڊپلوميٽڪ ايڊيٽر نڪ رابرٽسن پنهنجي ٽي وي انٽرويو ۾ ٻڌايو ته دنيا ۾ ڪيترن ڏينهن کان ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگبندي لاءِ ڪوششون جاري هيون جيڪي ڪامياب نه ٿي سگهيون جنهن ڪانپوءِ ڀارت پاڪستان جي ايئر بيسز تي حملو ڪيو نڪ رابرٽسن وڌيڪ چيو ته ڀارتي حملن کان پوءِ پاڪستان طرفان ڀارت تي ميزائلن جو وسڪارو لائي ڏنو جنهن کان پوءِ ڀارت ڳالهين جي ميز تي اچڻ تي مجبور ٿي ويو سندس چوڻ هو ته پاڪستان جي ميزائلن جي حملن ڀارت کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آمريڪي صحافي ٻڌايو ته ترڪي، آمريڪي پرڏيهي وزير سعودي عرب ۽ ترڪي جي اختيارين سان رابطو ڪيو ۽ ساڻن ڳالهين ڪانپوءِ سفارتي طريقي سان معاملو حل ٿيو ۽ جنگبندي ممڪن ٿي

بقايا 14 ----------

جي سزا ۽ 5 لک رپين جرمانو ٻڌايو ويو آهي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج فرحت جبين ڪن ڏينهن کان محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائيندي چيو ته "ڏوهارڻ کي ڦاسي جي ڦندي تي تيستائين لٽڪايو وڃي جيستائين سندس موت اچي وڃي" عدالت ريمارڪ ڏنو ته "ڏوهارڻ سنگين ڏوهه ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڪا به رعايت نه ٿي ڏيئي سگهجي" واقعي بابت پوليس ٻڌايو ته رشتيداري جي تڪرار سبب زخمي شيرني پنهنجي ڪزن لجپال حسين شاهه کي قتل ڪيو ريحانا 30 بور پسٽول سان مقتول جي گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪئي جنهن جي ايف آءِ آر ٿاڻو ڪوٽلي سٽيلائيٽ ۾ 23 مارچ 2023 تي داخل ڪئي وئي پوليس موجب ته زخمي شيرني وڏان قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار به هٿ ڪيو ويو گرفتاري دوران ريحانا هر ٻڌئي تي هٿڪڙين سميت ٽڪ ٽاڪ ويڊيوز ٺاهيندي رهي. عدالتي فيصلي کان پوءِ زخمي شيرني کي اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو ويو رهي ته ٽڪ ٽاڪر زخمي شيرني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو "فيصلو درست ناهي مان هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪنديس"

بقايا 15 ----------

ساٿين جو حوصلو تمام بلند آهي اخبار موجب اجا اها ڳالهه واضح ناهي ته پاڪ_ڀارت تڪرار ڪهڙو رُخ اختيار ڪندو پر ڀارت اندر حالتون غير يقيني جو شڪار آهن ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 21 ايئرپورٽس کي هفتي تائين بند ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڀارت جي اترين ۽ اولهه وارين ڪيترين ئي شهرن ۾ بجلي به بند رهي رپورٽ موجب ڀارت جي اوڀر واري رياست پنجاب جي گرداسپور علائقي ۾ مڪمل بليڪ آئوٽ رهيو ۽ راجستان جي سرحدي علائقن ۾ اسڪول بند ڪيا ويا. ٻئي طرف، اخبار ڪجهه ماهرن جي حوالي سان لکي ٿو ته پاڪستان ۾ ماڻهن جو مورال تمام بلند آهي. خاص ڪري پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائي کي ساراهيو پيو وڃي ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ماڻهو رستن تي نڪري جشن ملهائي رهيا آهن. واشنگٽن پوسٽ لکي ٿو ته پاڪستاني شهري سمجهن ٿا ته ڀارتي حملي جي جواب ۾ انتقامي قدم ضرور کنيا وڃن. رپورٽ ۾ اهو به واضح ڪيو ويو آهي ته آمريڪي اختيارين موجب پاڪستان ڀارت خلاف F_16 جهاز استعمال نه ڪيو آهي

بقايا 16 ----------

ته گذريل 48 ڪلاڪن دوران نائب صدر وينس ۽ مون اعليٰ هندستاني ۽ پاڪستاني عملدارن سان رابطو ڪيو آهي، جن ۾ وزيراعظم نريندر مودي ۽ شهباز شريف، پرڏيهي وزير جئي شنڪر آرمي چيف عاصم منير ۽ قومي سلامتي صلاحڪار اجيت دوول ۽ عاصم ملڪ شامل آهن مون کي خوشي آهي ته هندستان ۽ پاڪستان جون حڪومتون فوري طور تي جنگ بندي تي متفق ٿي ويون آهن ۽ هڪ غير جانبدار جڳهه تي مختلف مسئلن تي ڳالهيون شروع ڪرڻ تي متفق ٿي ويون آهن. اسان امن جو رستو چونڊڻ ۾ وزيراعظم مودي ۽ شريف جي دانشمندي، هوشياري ۽ سياست جي تعريف ڪريون ٿا

بقايا 17 ----------

صورتحال بابت هڪ اهم پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ جو ڏينهن پاڪستاني قوم لاءِ يادگار بڻجي ويو آهي، ڇو ته اسان جي بهادر فوج دشمن جي سازشن کي ناڪام بڻائيندي تاريخي جوابي ڪارروائي ڪئي آهي هن ٻڌايو ته پاڪ فوج ڏينهن جي اجالي ۾ ڀارتي فوجي تنصيبين تي ڪاري ضرب هڻي دشمن جا هوائي اڏا تباهه ڪري ڇڏيا هن چيو ته هي صرف هڪ "ٽريلر" هو جيڪڏهن جنگ مڙهي وئي ته پاڪستان هر لحاظ سان دفاع ۽ جوابي ڪارروائي لاءِ مڪمل تيار آهي هن چيو ته اسان امن جا خواهشمند آهيون، پر جيڪڏهن جنگ زبردستي مڙهي وئي ته سڄي قوم پنهنجي فوج سان گڏجي دشمن کي ڀرپور جواب ڏيندي ڪميل حيدر شاهه چيو ته ڀارت هن وقت شديد بوکلاهٽ جو شڪار آهي ۽ الزام تراشيون ڪري رهيو آهي جڏهن ته پاڪستان واضح حڪمت عملي سان جرپائتو جواب ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستاني قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي ۽ ڀارت کي هن جارحيت جي قيمت ضرور ادا ڪرڻي پوندي هن پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻائڻ تي اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سائنسدان ڊاڪٽر عبدالقدير خان کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته سندن قربانين سبب پاڪستان هڪ مضبوط دفاعي قوت بڻجي چڪو آهي ضلعي چيئرمين عوام کي اپيل ڪئي ته افواهن تي ڌيان نه ڏين ته توهان جا عوامي نمائندا حالتن کان مڪمل باخبر ۽ سرگرم آهن هن اعلان ڪيو ته سکر جي سڀني سرڪاري اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سڀ وسيلن کي استعمال ڪيو پيو وڃي هن وڌيڪ ٻڌايو ته سرڪاري ملازمن جون موڪلون منسوخ ڪري ڪين هدايتون جاري ڪيون ويون آهن جڏهن ته جنگي حالتن ۾ احتياطي تدبيرن بابت عوامي آگاهي مهم پڻ شروع ڪئي وئي آهي هن چيو ته سڀني مڪتب فڪر جي ماڻهن، مذهبي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي سان گڏجي قومي يڪجهتي جو عملي مظاهرو ڪيو پيو وڃي سيد ڪميل حيدر شاهه ٻڌايو ته سڀاڻي سکر ميونسپل اسٽيڊيم ۾ هڪ جنگي مشق (ڊرل) ڪئي ويندي ته جيئن هنگامي حالتن ۾ شهرين جي تياري ۽ رد عمل کي بهتر بڻائي سگهجي ان کان علاوه، پاڪ_ ڀارت بارڊر تي مقرر جوانن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ سکر ضلعي پاران مختلف وفد صالح پٽ ۽ ٻين سرحدي علائقن جا دورا ڪندا آخر ۾ هن چيو ته هي وقت قومي يڪجهتي جو آهي اسان سڀني کي پنهنجي ذاتي رنجشن کي وساري، ملڪ جي سلامتي ۽ دفاع کي ترجيح ڏيڻ گهرجي پاڪ فوج جي حوصلي ۽ بهادري تي سڄي قوم کي فخر آهي

بقايا 18 ----------

گنڊاپور طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ سيڪريٽري داخلا پنجاب جو هوم سيڪريٽري، سينٽرل جيل اڊيالا جو سپرنٽينڊنٽ ۽ آءِ جي جيل کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته پاڪستان کي ڀارتي حڪومت جي جارحيت کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ مختلف شهرن ۾ ڊرون حملن جي ڪري پي ٽي آءِ باني جي حياتي کي جيل ۾ خطرو آهي درخواست ۾ چيو ويو آهي ته مودي، سينٽرل جيل اڊيالا کي به ڊرون حملي لاءِ اهم ٽارگيٽ طور ڏسي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته جڏهن پي ٽي آءِ باني وزيراعظم هو ته مودي کي عالمي سطح تي شرمساري جو منهن ڏسڻو پيو هو درخواست موجب، پنجاب جي گهرو کاتي کي به ان معاملي بابت درخواست ڏني وئي، پر ان ڪا به ڪارروائي نه ٿي، تنهنڪري عدالت کان درخواست ڪئي وئي آهي ته هو حڪم جاري ڪري. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني جيل ۾ قيد دوران کاتي جي ضابطن جي ڪا به ڀڃڪڙي نه ڪئي آهي، سياسي بنيادن تي داخل ڪيل ڪيسن سبب سندن بنيادي حق متاثر ٿي رهيا آهن ۽ صحت بابت به خدشا پيدا ٿي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پيرول تي "آزادي لاءِ آئين ۾ گنجائش موجود آهي" درخواست ۾ پي ٽي آءِ باني طرفان پڪ ڏياري وئي آهي ته هو پيرول جي شرطن تي عملدرآمد ڪندو درخواست ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ باني جي پيرول تي آزادي قوم کي متحد ڪرڻ لاءِ تمام اهم آهي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي خيبرپختونخوا جي وڏي علي امين گنڊاپور چيو ته قومي سلامتي واري اجلاس ۾ شرڪت پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ڪانپوءِ ئي ممڪن آهي. هن چيو ته مودي جي ظلمن خلاف هميشه پي ٽي آءِ باني آواز بلند ڪيو آهي. هو اسان جو ليڊر آهي ۽ رهنمائي لاءِ ملاقات ضروري آهي

بقايا 19 ----------

جي چارٽر موجب پنهنجو جوابي حق ادا ڪندي ڪالهه پرهه ڦٽي مهل شروع ڪيل آپريشن بنيان مرصوص جي ڪاميابي تي پاڪ فوج کي واڌايون پيش ڪيون ان موقعي تي هن جو چوڻ هو ته پاڪ فوج جي جنگي صلاحيتن کان دنيا ۾ ڪنهن کي ڪو به اعتراض ناهي ڀارت جنهن جنگي جنون جي بخار ۾ مبتلا هو ان جي جواب ۾ ڪيس پاڪ فوج ڀرپور ڏينهن ئي سندس جديد رافيل جهاز ڪيرائي سمجهائي ڇڏيو هو ته پاڪ فوج وطن جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي جڏهن ته ڀارت پاران ٿيل جارحيت جو جواب ڏيڻ به لازمي هو جو جواب نه ڏيڻ سان ملڪ جي مورال کي نقصان پهچي ها، هن چيو ته ڊي جي آءِ ايس پي آر بلڪل ٺيڪ چيو ته حملي وقت اسان دفاع جي پوزيشن ۾ هئاسين هاڻ اسان جواب ڏيڻ جو حق رکون ٿا. ان لاءِ وقت ۽ ڏينهن جي چونڊ پاڻ ڪنداسين، هن چيو ته پاڪ فوج لفظ به لفظ پنهنجي ڳالهه پوري ڪندي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته دنيا جي ڪا به طاقت پاڪ فوج کي پنهنجي وطن عزيز جي حفاظت ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي، ملڪ مضبوط هٿن ۾ آهي، هن چيو ته پاڪ فوج جي هڪ ڏينهن جي جوابي ڪارروائي ۾ مودي سرڪار هٿيار ڦٽا ڪري وچ ۾ نه ايندڙ آمريڪا کي ميڙ منٿ ڪري پنهنجي جان بچائي آهي يقيني طور تي اهي پاڪ فوج جي صلاحيت آهي جنهن کان ڪنهن کي به انڪار نه ڪرڻ گهرجي، هن چيو ته جنگبندي ٿيڻ سٺي ڳالهه آهي وڌيڪ نقصان کان بچڻ بهتر آهي، پاڪستان جي جهازن سڄي دنيا ۾ پاڻ ملهائي ڏيکاريو جيڪو هاڻ تاريخ جو حصو ۽ سنهري لفظن ۾ لکجي ويو آهي هن چيو ته پاڪ فوج جي اهڙي ڪارڪردگي تي قوم کي فخر آهي اسان پاڪ فوج کي سلام پيش ڪريون ٿا هن ڀارت جو جنگي جنون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو

بقايا 20 ----------

بهادري ۽ ثابت قدمي تي ڀيٽا پيش ڪئي آهي. انسٽاگرام تي پنهنجي پيغام ۾ شعيب ملڪ چيو ته "پاڪ فوج پاران ڏيکاريل بهادري لفظن کان مٿانهين آهي " هن وڌيڪ چيو ته امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪ فوج جي وابستگي پوري دنيا لاءِ متاثر ڪندڙ مثال آهي. شعيب ملڪ جو چوڻ هو ته "اسان کي پنهنجي فوج تي فخر آهي، ڀارت گوڏا کوڙي ورتا، پاڪستان زنده باد."

بقايا 21 ----------

ڪنگنا رناوت طرفان پاڪستان خلاف زهر اوڳاڇڻ تي پاڪستاني اداڪارا حرا ماني سخت ردعمل جو اظهار ڪندي ڪنگنا آئينو ڏيکاري ڇڏيو . سوشل ميڊيا پليٽفارم انسٽاگرام تي حرا ماني پنهنجي اسٽوري ۾ ڪنگنا جي بيان کي شيئر ڪندي لکيو ته "توهان کي ريڪ روشن بلڪل صحيح لات هئي هئي هاڻ توهان وٽ نه ڪم آهي نه عزت "پاڪستاني توکي گاريون ڏين ٿا ۽ ڀارتين به توکي سائيڊ ڪري ڇڏيو آهي " هن وڌيڪ چيو ته "ڪنگنا! هاڻي روئڻ بند ڪر ڇو ته اسان جي پاڪ فوج توهان جي اکڙائيءَ جو منهن ٽوڙ جواب ڏئي ڇڏيو آهي"

بقايا 22 ----------

ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته جمعيت علماءِ اسلام اڄ جي ڏينهن کي "يوم دفاع وطن" طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي 11 مئي تي پشاور ۾ ملين مارچ ۽ 15 مئي تي ڪوئيٽا ۾ ملين مارچ ٿيندو جنهن ۾ عوام ملڪي يڪجهتي جو اظهار ڪندا، حڪومت نوجوانن کي شهري دفاع لاءِ رجسٽر ڪرڻ لاءِ چيو آهي، ان سلسلي ۾ اسان انصار الاسلام کي شهري دفاع جي ذميواري سونپي آهي اڄ پاڪستان جي دفاع جي پهرين مورچي تي جيڪو نوجوان وڙهي رهيو آهي اهو ديني مدرسن سان تعلق رکندڙ آهي مولانا فضل الرحمان چيو ته موجوده صورتحال ۾ سفارتي سرگرمين بابت مان مطمئن نه آهيان، اسان جو ڪو به سفارتي مشن پرڏيهه ۾ سرگرم ناهي، صرف ٽيليفون تي ڳالهيون ٿيون آهن اسان کي چين، سعودي عرب، ايران ۽ افغانستان سان فعال رابطا ڪرڻ گهرجن، هن چيو ته غزه مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي، ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن هي وقت آهي ته ملڪ جي دفاعي ادارن کي مضبوط ڪجي اسان کي انهن جي پٺيان بيهڻ گهرجي ملڪ جي وحدت لاءِ اسين سڀ گڏ آهيون هي جنگ آهي ۽ جنگ ۾ گل نه پر باهه وسندي آهي هن چيو ته حقيقت اها آهي ته هن وقت پاڪستان ڀارت جي جارحيت جي آمهون سامهون آهي ڀارت مسجدن مدرسن، عام شهرين جي علائقن تي راڪيٽ فائر ڪيا، جنهن سبب اسان جا پيٽ پائر شهيد ٿيا، پاڪستان جي فوج بهادري ۽ بهتر حڪمت عملي سان دفاع ڪيس مولانا فضل الرحمان چيو ته مان حڪومت يا اسٽيبلشمينٽ کان نٿو پڇان ته اوهان جي حڪمت عملي ڇا آهي، مان ملڪ جي مفاد لاءِ اوهان جي قطار ۾ بيٺل آهيان، اوهان به منهنجي قطار ۾ بيهو هن چيو ته ماڻهو ذاتي طور سوشل ميڊيا تي پوسٽون وجهي رهيا آهن، انهن جو رويو فوج بابت توهين آميز آهي، حڪومت کي انهن ماڻهن تي پابندي لڳائڻ گهرجي

بقايا 23 ----------

آهي، هن چيو ته پاڪستان امن جو علمبردار آهي، پر ڪنهن به جارحيت تي خاموش رهڻ اسان جي پاليسي ناهي اسان جو موقف واضح آهي. پاڪستان امن چاهي ٿو پر دشمن جي هر جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيندو سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري هٿيارٻند فوج جي ڪامياب جوابي حملي جي تعريف ڪندي چيو ته پاڪ فوج دشمن کي واضح پيغام ڏنو آهي ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري تي سمجهوتو نه ڪندو اسان جي فوج جي اسٽريٽجڪ ڪارروائي دشمن کي پيغام ڏنو آهي ته پاڪستان ناقابل تسخير آهي سنڌ جي گورنر ڀارتي انتهاپسندي جي وڌندڙ خطرن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل قومن کان فوري طور تي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ڇاڪاڻ ته ڀارت جي جارحيت پوري خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي رهي آهي گورنر سنڌ چيو ته سنڌ جا ماڻهو وطن جي دفاع ۾ هر فرنٽ لائن جو ڪردار ادا ڪندا اسان پنهنجي فوج سان گڏ بيٺا آهيون پاڪستان ايئر فورس جي جوابي حملي جي حوالي سان هن چيو ته ان ۾ ڏيکاريل مهارت ۽ حڪمت عملي پوري قوم لاءِ فخر جو باعث آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ايئر فورس پنهنجي بهترين صلاحيتن سان ثابت ڪيو ته اسان جون دفاعي صلاحيتون ڪنهن کان گهٽ نه آهن

بقايا 24 ----------

پاڪ ڀارت چڪتاڻ ۽ سرحدن جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻن ڏينهن ۾ آمريڪي وقتي سفير سان ٿس 2 ڀيرا ملاقات ڪئي آمريڪا جو پوليٽيڪل قونصلر زيڪ هارڪن رائيٽ به ان ملاقات ۾ موجود هو گهرو وزير وقتي آمريڪي سفير کي موجوده چڪتاڻ ۽ صورتحال کان آگاهه ڪيو محسن نقوي ڀارت جي ڊرون دهشتگردي بابت به وقتي آمريڪي سفير کي بريف ڪيو ۽ چيو ته ڀارت عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندي شهري آبادي کي ڊرونز ذريعي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڪستان اثرائتي ڪارروائي ڪري ڪيترائي ڊرون ڪيرايا. خطي جي خطرناڪ صورتحال جي سموري ذميواري ڀارت تي آهي خطو جنگ جي ڪناري تي آهي سلامتي کي نقصان رسڻ نه ڏينداسين

بقايا 25 ----------

. وڏي وزير چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري تي ڪنهن به قسم جي حملي کي برداشت نه ڪندو هن چيو ته ڪنهن به جارحيت جو هر محاذ تي سخت ۽ واضح جواب ڏنو ويندو سيد مراد شاهه پاڪ فوج جي صلاحيتن ۽ پيشورانه مهارت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي سندن بهادري ۽ قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي سڄي قوم پنهنجي فوج سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ بهادري کي سلام پيش ڪري ٿي هن آپريشن بنيان المرصوص مان پيدا ٿيندڙ قومي فخر واري جذبي تي زور ڏيندي چيو ته دشمن جي جارحيت جو جواب مناسب ۽ ڀرپور ڏنو ويندو هن علائقائي بيچيني جي امڪان بابت چتاءُ ڏيندي چيو ته ڀارت جي وڌندڙ جنگي بيانبازيءَ پرڳڻي جي امن لاءِ وڏو خطرو آهي. هن پاڪستان جي امن دوستي ۽ واري موقف کي ورجائيندي واضح ڪيو ته پاڪستان هڪ امن پسند ۽ ذميوار ملڪ آهي، پر قومي سلامتي تي ڪڏهن به سودي بازي نه ٿيندي. وڏي وزير گڏيل قومن ۽ عالمي برادري کي اپيل ڪئي ته هو ڀارت جي اشتعال انگيز حرڪتن جو ترت نوٽيس وٺن ۽ صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ جا ماڻهو پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺا آهن ڀارتي ايئربيسن تي جوابي وار کي قومي عزم ۽ اعتماد جو مثال قرار ڏيندي وڏي وزير چيو ته دشمن کي مناسب جواب ڏيڻ نه صرف ضروري هو پر قومي مفادن جي تحفظ لاءِ پڻ لازمي هو

بقايا 26 ----------

" قرار ڏنو آهي هن چيو ته هي اعلان پاڪستان ۾ وڏي پيماني تي منظوري جو سبب بڻيو آهي. وڏي وزير جو چوڻ هو ته هي جنگ بندي چڪتاڻ ۾ گهٽتائي طرف هڪ اهم قدم آهي ۽ ٻنهي ملڪن لاءِ ڳالهين کي ترجيح ڏيڻ جو موقعو پيدا ڪري ٿي هن وڌيڪ چيو ته اهي هندوستان کان اپيل ڪئي آهي ته اهي ڪشمير واري مسئلي سميت ٻين مسئلن تي ڳالهين ۽ مذاڪرات ذريعي پرامن طريقي سان حل ڳولين مراد علي شاهه پاڪستان جي مسلح افواج جي قومي سلامتي جي تحفظ ۾ ڪردار جي پڻ تعريف ڪئي هن خاص طور تي پاڪستان فضائيه جي تعريف ڪئي ۽ صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف کي پڻ هن ڪاميابي ۾ قيادت تي مبارڪباد ڏني ان کان علاوه وڏي وزير دوست ملڪ خاص طور تي آمريڪا جو به شڪريو ادا ڪيو جن هنن سفارتي سطح تي هن معاهدي ۾ مدد فراهم ڪئي مراد علي شاهه پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پڻ ڪوشش کي ساراهيو جن هن امن لاءِ آواز اٿاريو ۽ پاڪستان جو موقف بين الاقوامي سطح تي پيش ڪيو

بقايا 27 ----------

آيل آهي ايئري ٽائين جو خميس تي ڀارتي ٽي وي چينلن پاران پاڪستان جا مختلف شهر فتح ڪرڻ وارين خبرن به نشر ڪيون ويون ان دوران ڪجهه صحافي ۽ يوٽيوبر اهڙا به آهن جيڪي ان مس انفارميشن جي نه رڳو ترديد ڪري رهيا آهن پر اهيبيدارن کي اهڙن چينلز ۽ سوشل ميڊيا هينڊلن جي بائيڪاٽ جي تجويز به ڏئي رهيا آهن ڀارتي يوٽيوبر ڌرو راٺي ڀارتي ميڊيا کي تنقيد جو نشانو بڻايو ۽ ان جي ڪوڙي پروپيگنڊا کي وائکو ڪيو ڌرو راٺي گبر سنگهه نالي هڪ ايڪس اڪائونٽ جون ڪجهه پوسٽون شيئر ڪيون جن ۾ اهو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ چڪتاڻ جي حوالي سان غلط خبرون ڏئي رهيو هو جنهن تي يوٽيوبر هن تي تنقيد ڪندي لکيو ته ڏسو گودي ميڊيا توهان سان ڇا ڪري رهيو آهي هن وڌيڪ لکيو ته هن بي وقوف کي ڏسو جڙ فلمي هيرو هجي جو پنهنجي فوج جي پاڻ قيادت ڪري گذريل رات فتح حاصل ڪري رهيو هو ناميارو صحافي ۽ ليڪ رويش ڪمار لکيو ته جيڪي ٽي وي چينل 8 مئي جي ڪوريج ذريعي انڊيا جو ڊرامو بڻائي رهيا آهن انهن خلاف ڪوايڪشن نه پيو ٿئي هڪ واهيبيدار اسوڪ لکيو ته انڊين ميڊيا پنهنجي ڪوريج کي سرڪس بڻائي ڇڏيو آهي يوٽيوبر نتيش راجپوت لکيو ته ڪي ٽي وي چينلن چيو برسات پئي هلي ته مان سن گلاسز ڳوليندس

عام اطلاع

جيئن ته منهنجي والد سهاڳڻ خاتون وفات ڪري وئي آهي، جنهن جا اسين هيٺيان حقيقي وارث آهيون. 01- مظفر حسين - پٽ، 02- نصرت - ڌيءُ، ٽوٽل وارث - 02 هنن کان علاوه ٻيو ڪو به وارث نه آهي، هي اشتهار رڪارڊ تي رکيو وڃي. جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي. **المشتهر: مظفر حسين ولد علي مدد ذات چاچڙ تعلقو پنو عاقل**

بقايا 01

انسانيت تي حملو آهي اسان هندستان جي جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا جنگ مسئلن جو حل ناهي، اها ترقي ۽ معيشت جي تباهي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته ڀارت کي حملو ڪرڻ بدران غير جانبدار فورمن سان رابطو ڪرڻ گهرجي ها مودي جو خيال هو ته هو پاڪستان کي پٽ سان لڳائيندو پر هو مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويو 25 ڪروڙ پاڪستاني ڪنهن به ٻاهرين جارحيت جي خلاف متحد آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته مودي سرڪار ڪينيڊا، آمريڪا ۽ برطانيا ۾ سياسي مخالفن خلاف دهشتگردي ڪرائي چڪي آهي، جنگ ۾ رڳو وڏي آبادي، دولت ۽ ٽيڪنالاجي نه پر همت ۽ ثابت قدمي به اهم هونديون آهن پاڪستان امن چاهي ٿو ۽ دنيا جي ماڻهن سان گڏ هلڻ چاهي ٿو خطي ۾ امن جي لاءِ عالمي طاقتون مودي جي جنونيت جي مزاحمت ڪن. اياز لطيف پليجي چيو آهي ته مهانگا فون، ڪپڙا ۽ دعوتون ڪنهن به شخص جي لئي ۽ ان جو شو وڌائيندا ٿا. ڪتابن جو مطالعو تعليم ۽ تحقيق ڪردار سازي ڪري ٿي. سفر ڪرڻ سان دماغ وسيع ٿيندا ٿا. شوبازي ۽ لئي عارضي آهي. علم، عقل ۽ تجربو جتادار آهي. دنيا آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ ٻين ميدانن ۾ آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي تعليم ۾ آهي سنڌ جا نوجوان اسڪالرشپس لاءِ محنت ڪن. لائبريرين ۾ پڙهن، ڳوٺن مان نڪري شهرن ۾ اچن، ڪراچي، اسلام آباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ اچن. تعليم سان گڏ روزگار ڪن. هنر سکن. آئي ٽي پڙهن. سائنس پڙهن. پنهنجي حقن لاءِ ڏگريون کڻي بنگلن جا چڪر ڪاٽڻ بدران حق تلفي خلاف آواز بلند ڪن. جدوجهد ڪن اياز لطيف پليجي چيو ته اسان جي لاءِ غربت، صحت، تعليم، ڪلائيميٽ چينج وڏا چئلينج آهن. ڏکڻ ايشيا جا ماڻهو غربت، بدحالي، بيمارين، ميرٽ جي لتاڙ معاشي استحصال، بيڊ گورننس جو شڪار آهن. ڪلائيميٽ ۽ چينج، پاڻي ڪوٽ وڏا مسئلا آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته دنيا جا سڌريل ملڪ امن، سائنس، تعليم جي ميدان ۾ تمام اڳتي آهن. اسان کي امن گهرجي، تعميس، سائنس، سياسي، سماجي ۽ معاشي انصاف ۽ ترقي گهرجي. غربت جو خاتمو برابري گهرجي.

بقايا 02

راج ڪمار ۽ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اقليتي معاملن بابت معاون صدر گرو داس وڏوائي سيد وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي واڌايون ڏنيون. انهن وزيراعلى هائوس ۾ قائم سيد وقار مهدي جي آفيس ۾ ملاقات ڪري ڪيس گلن جو گلدستو پيش ڪيو ۽ سنڌن ڪاميابي تي نيڪ تمنائون پيش ڪيون. ان موقعي تي راج ڪمار ۽ گرو داس وڏوائي اميد ظاهر ڪئي ته سيد وقار مهدي سينيٽ ۾ اقليتن جا مسئلا اجاگر ڪرڻ ۽ جمهوري قدرن جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 03

ملاح ۽ آبادگار اڳواڻ ايوب زئور جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي "پاڻي ناهي چوپلا ڪريلا ڪريلا، پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪريو ۽ گنج بحر تاليءَ کي پاڻي ڏيو" جا نعرا هنيا ويا. ريلي مهرشاه چئونڪ، ڪاريا گلي، سائين جي ايم سيد چوڪ، عيدگاه ۽ شهيد حنيف زئور چوڪ کان گشت ڪندي مين بس اسٽاپ تي پهتي. جتي ريلي کي خطاب ڪندي قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو ته پنجاب جا ڪئنال ۽ واهه اڄ به تار وهي رهيا آهن. پنجاب ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڪانهي. پر سنڌ کي سندس حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ هتي پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ آهي. سجاول، بدين ۽ ٺٽي ضلعن ۾ پيئڻ لاءِ به پاڻي ميسر ناهي. چوڙ وارا علائقا پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسي رهيا آهن. پنجاب پاران سنڌين کي درياهه لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي سزا ڏني پئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڏهن ڏينهن اندر پاڻي نه ڏنو ويو ته قومي پارٽي پاران ڀيهر احتجاج ڪنداسين. پاڻي وقت سر نه ڏيڻ سان ساريالي فصل کي نقصان رسندو ۽ ٺٽا آبادگار معاشي طور تباهه ٿي ويندا. ان ڪري پاڻي جي ڪوٽ فوري طور ختم ڪئي وڃي. ان موقعي تي ڪامريڊ يوسف ڪنڀار، صدر محمد ايوب زئور، قادر بخش زئور، وقار ميراڻي، واپاري اڳواڻ عبدالغفور ميمڻ، معشوق زئور، نائو زئور، اشفاق مگنهار، خادم ميراڻي، علي رضا خاصخيلي، لطيف زئور ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 04

پاڻ سازن جو چتاءَ رپورٽ موجب وڳڻ ۾ معذور ڳوٺاڻي جو پاڻ ۽ پاڻين جي ناجائزين خلاف احتجاج ملڪيت مان حصو ڏيڻ جو مطالبو پاڻ سازن جو چتاءَ خبر موجب وڳڻ ۾ ڳوٺ جڪر واسي معذور ڳوٺاڻي ممتاز پتو جو احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته 40 جريب زرعي زمين موروثي ملڪيت آهي جنهن مان پنهنجو حصو گهرڻ تي پاڻين بيدخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته برادري جي چڱن مڙسن وٽ ڏانهڻ تي پاڻين علي نواز ديدار پتو جو ۽ پٽن گهر ۾ گهڙي مون معذور سميت گهرڀاتين کي مارڪٽ ڪري تشدد ڪيو جنهن دوران منهنجي پٽ فيضان جي ٻانهن ڀڃي پئي جنهن جو ڪيس داخل ڪرايو ۽ پوليس هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري ڏيکي ليتي بعد ڇڏي ڏنو آهي هاڻي منهنجا ڀاڻر ۽ پاڻيٽا موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو ته خانداني ملڪيت مان حصي جي ورهاست جي ڏانهن ايم پي اي نواب سردار چانڊيو کي ڏني جنهن فيصلي لاءِ پاڻن کي خط لکيو پر هو مقرر ڏينهن تي ڳالهين لاءِ نه آيا ۽ سموري زرعي زمين تي قبضو ڪيون ويٺا آهن هن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته موروثي ملڪيت مان حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ مُڪ چوڪ تي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيندس.

بقايا 05

، مختيار ڪار آصف علي ڪلوڙ، ايس ايڇ او احمد علي هاليپوٽو سول سوسائٽي ۽ ٻين پاران روينيو آفيس صالح پٽ کان تعلقه پريس ڪلب صالح پٽ تائين پاڪ آرمي جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي. پاڪ آرمي زنده باد پاڪستان پائنده باد جا نعرا هنيا ويا اڳواڻن چيو ته ڀارت پاڪستان مٿان دهشتگردي جا بي بنياد الزام هڻي جنگ مسلط ڪرڻ چاهي پيو ۽ پاڪستان ۾ حملا ڪري پاڪ فوج کي ڪمزور سمجهي رهيو آهي پر پاڪ فوج ڀارت تي حملو ڪري منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي ۽ ڀارت جا سڀ ارادا چڪناچور ڪري ڇڏيا آهن اسان پاڪ فوج سان هر قدم تي جاني توڙي مالي لحاظ سان گڏ آهيون

بقايا 06

جي پوليس اهلڪار ۽ ٽن نامعلوم ماڻهن مٿان داخل. مقتول جي ڀي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو ياد رهي 2 هفتا اڳ نوجوان نويد جنو کي جروار شهر ٻاهران چاڪر مائينر وٽ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو پوليس اهلڪار کي گرفتار نه ڪيو ويو تفصيل موجب جروار ويجهو ٻه هفتا اڳ جروار جي چنا محلا رهواسي نوجوان نويد جنو کي جروار شهر پرسان چاڪر مائينر وٽ گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو جنهن قتل جي معاملي تي انڪوائري هلندڙ هئي ٻن هفتن بعد گذريل جروار ٿاڻي مقتول نويد جنو جي قتل جو ڪيس مقتول جي ڀي عبدالرحمان جنو جي فرياد تي جروار ٿاڻي جي اهلڪار اربيلو گهوٽو ۽ ٽن نامعلوم ماڻهن مٿان داخل ڪيو ويو ڪيس ۾ فريادي ڄاڻايو ويو ته پوليس اهلڪار اربيلو گهوٽو فون تي گهرائي چاڪر مائينر تي ٽن ساٿين سان گڏ منهنجي پٽ نويد کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويو ڪيس داخل ٿيڻ کان اڳ ئي پوليس اهلڪار اربيلو گهوٽو ٿاڻو ڇڏي فرار ٿي ويو فريادي عبدالرحمان جنو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ڪيس ۾ نامزد ڄاڻايل پوليس اهلڪار گذريل ڏينهن به ٿاڻي موجود رهيو ڪيس داخل ٿيڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پهرين هن فرار ڪرايو ويو هن وڌيڪ چيو ته جروار پوليس اسان جي ناحق قتل ٿي ويل نوجوان جي قتل جو ڪيس لوڙهڻ لاءِ ۽ پنهنجي پوليس اهلڪار کي بچائڻ لاءِ جروار پوليس ٻن هفتن تائين مختلف بهانا ڪندي رهي جروار پوليس جي ڪوشش هئي ته خودڪشي جو ڪيس داخل ڪئي تنهن ڪري ٻن هفتن تائين ڪيس داخل نه ڪيو ويو ۽ پوليس اهلڪار پنهنجي ڊيوٽي تي موجود رهيو پر پوليس وارن هن کي گرفتار نه ڪيو جوابدار پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 07

ڀاءُ مبينا گهرو انبٽ تان قتل بعد گهرجي ڪمري ۾ دفن ڪرڻ جو انڪشاف ، باڊائي پوليس جوابدار گرفتار ڪري سنڌس نشاندهي تي واقعي واري هنڌ پوليس پڪٽ قائم ڪري ڇڏي ، پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي . خبر موجب : "افسوس ناڪ واقعو" باڊائي ٿاڻي جي حد ڳوٺ سيد غلام شاه ۾ ٻه مهينا اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان مختيار علي ولد حبدار ڪلهوڙو کي سنڌس ڀاءُ بلاول عرف بلو ڪلهوڙو پاران مبينا گهرو انبٽ تان سروٽا هڻي قتل بعد گهر جي ڪمري ۾ دفن ڪرڻ جو انڪشاف پڻ ڪيو ويو آهي ، مقتول نوجوان جي ڀاءُ ظهور ڪلهوڙو جي اطلاع تي باڊائي پوليس الزام هيٺ آيل جوابدار کي گرفتار ڪري باڊائي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو، ان سلسلي ۾ باڊائي پوليس ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ سيد غلام شاه واسي 40 ورهين جو نوجوان مختيار ڪلهوڙو گم ٿي ويو هو جنهن جي گمشدگي جي اين سي باڊائي ٿاڻي تي قتل الزام هيٺ گرفتار ڪيل جوابدار بلاول عرف بلو ڪلهوڙو پاران داخل ڪرائي وئي هئي بعد ۾ سنڌس ٻئي ڀاءُ ظهور ڪلهوڙو پاران ڊيڪاريل شڪ جي بنياد تي جوابدار بلاول ڪلهوڙو کي پوليس تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪيئي ، جنهن ۾ جوابدار بلاول ڪلهوڙو اعتراف ڪيو ته 2 مهينا اڳ هن پنهنجي ڀاءُ مختيار کي سروٽا هڻي قتل ڪرڻ بعد لاش گهر جي ڪمري ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي ، هوڏانهن واقعي واري هنڌ باڊائي پوليس نفري مقرر ڪري پوليس پڪٽ قائم ڪري ڇڏي آهي، هوڏانهن مقتول نوجوان جي والد ۽ سنڌس ڀاءُ ظهور ڪلهوڙو توڙي ٻين وارثن پاران واقعي بابت خاموشي اختيار ڪري ڇڏي آهي، ميڊيا کي واقعي بابت موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

بقايا 08

ڪاتي جي سهڪار سان مذاحيه اسٽيج ڊرامو شادي آ ڏعدي سليم راجا جي لکيل ڪهاڻي کي سنڌ جي مشهور مذاحيه اداڪار سهراب سومرو جي ڊائريڪشن ۾ ڊرامي جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو. گرمي ،پوسٽ، گهٽ،جنگ واري ماحول ۾ سهراب سومرو ڪراچي کان ڪهي اچي پنهنجي جنم ڀومي سکر ۾ ماڻهن کي تفريح ڏني. ڊرامو شروع ٿيڻ کان پهرين هال ڀرجي ويو. فنڪارن کي خوب تاڙين جي گونج ۾ داد ڏنو ويو. جڏهن ته ڊرامون شروع ٿيڻ کان پهرين سنڌ ۽ سنڌو درياهه کي گيتن سان ڀيٽا ڏني وئي جنهن ۾ اسڪولي ٻارڙين ثقافتي ويس پهري ٽيبلوز ۾ حصو ورتو.

بقايا 09

پنهور جي قتل ڪيس ۾ پوليس جي چڙهائي، ٻن عورتن سميت 4 گرفتار، هڪ ڳوٺاڻو گولي لڳڻ سبب زخمي، پرت برادري جي ڏنڊا بردار ماڻهن جو ميهڙ ٿاڻي تي حملو، ڊي ايس پي آفيس، اي سيڪشن ٿاڻي،بي سيڪشن ٿاڻي ۾ ڀڃ ڊاهه، ٻن پوليس موبائلن جا شيشا ڀڃي ڇڏيا، ايس ايڇ او اي سيڪشن اصغر شاهه، سپاهي محمد بخش سميت 5 اهلڪار زخمي، ڪيترائي پوليس اهلڪار ڀڄي ويا. حملو ڪندڙ ڏنڊا بردار گرفتار ڪيل ٻن جوابدارن ۽ حراست ۾ ورتل عورتن کي به ڇڏائي ويا، 140 جوابدارن تي به ڪيس داخل خبر موجب ميهڙ پرسان بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان صابر پنهور جي قتل ڪيس ۾ ميهڙ پوليس سنڌي ٻٽڙا ۾ چڙهائي ڪري ٻن عورتن سميت 4 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو ڪاروائي دوران پوليس جي مبينا فائرنگ ۽ لئبازي ۾ هڪ ڳوٺاڻو ذاڪر پرت زخمي ٿي پيو پوليس ڪاروائي بعد پرت برادري جي 100 کان به وڌيڪ ڏنڊا بردار ماڻهن جنگجي رڪشائن، لوڊن موٽر سائيڪل تي سوار ٿي ميهڙ ٿاڻي تي حملو ڪيو ڏنڊا بردار ماڻهن ڊي ايس پي آفيس، اي سيڪشن ٿاڻي،بي سيڪشن ٿاڻي ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي ، ٻن پوليس موبائلن توڙي بيٺل گاڏين جا شيشا ڀڃي ڇڏيا، ڏنڊا بردار ماڻهن ايس ايڇ او اي سيڪشن اصغر شاهه ، سپاهي محمد بخش سميت 5 اهلڪارن کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، واقعي ۾ نوجوان ذاڪر پرت به مبينا طور زخمي ٿي پيو ، جڏهن ته ڊي ايس پي ميهڙ معشوق ڪيريو وڏن منشين سميت ڪيترائي پوليس اهلڪار ٿاڻا ڇڏي ڀڄي ويا. حملو ڪندڙ ڏنڊا بردار ماڻهو گرفتار ڪيل ٻن جوابدارن سجاد، ڏٽي بخش ۽ حراست ۾ ورتل هڪ جوابدار جي امڙ سميت ٻنهي عورتن کي به ڇڏائي ويا. علائقو هڪ ڪلاڪ تائين ميدان جنگ بڻيل رهيو زخمي ايس ايڇ او اصغر شاه چيو ته قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪاروائي ڪئي ته جوابدارن ٿاڻي تي حملو ڪيو. ڊي ايس پي ميهڙ معشوق ڪيريو چيو ته ايس ايڇ او اصغر شاه ۽ ٻين کي زخمي ڪيو ويو آهي ڀڃ ڊاهه به ڪئي وئي. هوڏانهن پرت برادري جي ڏنڊا بردار ماڻهن پاران ميهڙ ٿاڻي تي حملي، ڊي ايس پي آفيس، اي سيڪشن ٿاڻي،بي سيڪشن ٿاڻي ۾ ڀڃ ڊاهه، ايس ايڇ او اي سيڪشن اصغر شاهه ، سپاهي محمد بخش سميت 2 پوليس اهلڪارن کي زخمي ڪرڻ وارو واقعي جو ميهڙ جي اي سيڪشن ٿاڻي تي زخمي ايس ايڇ او سيد اصغر شاه جي فرياد تي سرڪار پاران جوابدار نصير پرت، راڻو پرت، ذوالفقار پرت، علي بخش، آفتاب پرت، محمد نواز عرف ڪارو، روشن پرت ، پ پ پ، جي ڊي اي، پي ٽي آءِ اڳواڻن سميت 90 ڄڻن تي حملي، ڊيوٽي اٽڪاءِ، ڀڃ ڊاهه، ايس ايڇ او اي سيڪشن اصغر شاهه ، سپاهي محمد بخش کي زخمي ڪرڻ، قتل ڪيس جي گرفتار ٻن جوابدارن کي لاڪ اپ توڙي ڇڏائڻ جو سرڪار پاران حملي، ڊيوٽي اٽڪاءِ، دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف ميهڙ اي سيڪشن پوليس پاران گذريل رات سنڌي ٻٽڙا ۾ چڙهائي ڪري ڏامراهه واهه وٽ بيدردي سان قتل ٿيل نوجوان صابر پنهور جي قتل ڪيس ۾ جوابدار سجاد، ڏٽي بخش ۽ ٻن عورتن سميت 4 ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ ۽ پوليس ڪاروائي دوران ٻن ڄڻن ذاڪر پرت جي مبينا فائرنگ ۽ لئبازي ۾ زخمي ٿيڻ ، پوليس تي مبينا فائرنگ واقعي بابت راڻو ٿاڻي تي سرڪار پاران ايس ايڇ او اي سيڪشن ميهڙ سيد اصغر شاه جي فرياد تي غلام مصطفى پرت، نصير راڻو، علي بخش، زخمي ذاڪر پرت، محمد نواز عرف ڪارو سولنگي، رمضان ڦمبرائي سميت 50 ڄڻن تي پوليس تي فائرنگ، حملي، ڊيوٽي اٽڪاءِ، گرفتار جوابدار ڇڏائڻ جي ڪوشش جو دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ، سرڪاري مدعيت ۾ داخل ڪيس ۾ فريادي ڄاڻايو آهي ته پوليس تي جوابدارن جي فائرنگ ۾ ڳوٺاڻو ذاڪر پرت به زخمي ٿيو آهي.

بقايا 10

رمضان دوڻڪائي واسڻ نوجوان ناري پوري ڌي لالچي ڪولهي گهران نڪري ڳوٺ پير سرهندي ساماري ۾ اسلام قبول ڪري خير محمد پٽ اعظيم دوڻڪائي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو پريس جوڙي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان رضا خوشي سان گهران نڪري پيار جو پرڻو ڪيو آهي هنن چيو ته ڪولهي برادري جو سنڌو. ٽامون ۽ ارجن ڪولهي شادي ڪانپوءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ اسان ماڻهن تي هٿ ٺوڪيا ڪوڙا ڪيس ڪرڻ جون سازشون ڪري رهيا آهن هنن اعلى اختيارين کان تحفظ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 11

ريلي ڪڍي وئي ڀٽ شاه پرسان ڳوٺ درياءَ خان ٽالپر ۾ هيڊ ماسٽر محبت علي ملوڪائي، امداد وسان ۽ ٻين اسڪول جي استادن ۽ عملي جي اڳوائي ۾ ريلي ڪڍي وئي جيڪا ڳوٺ جي مختلف گهٽين چوٽڪن چوراڻ کان ٿيندي اسڪول وٽ اختتام پذير ٿي ان موقعي تي استادن ٻارڻ ٻڌايو ته تعليم ئي قوم جي واڌاري جو ذريعو آهي، انهيءَ مقصد لاءِ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول دريا خان ٽالپر ۾ داخلائن جي مهم شروع ڪئي وئي آهي هنن ٻڌايو ته استادن گهر گهر وڃي والدين کي تعليم جي اهميت بابت آگاهي ڏني، اسڪول جي سهولتن، قابل استادن، ۽ سٺي تعليمي ماحول بابت آگاهي فراهم ڪئي آهي جنهن تعليمي آگاهي مهم جي خاص نقطو بابت جنهن ۾ سيني ٻارن لاءِ مفت داخلا ڪتابن ۽ درسي مواد جي فراهمي قابليت يافته استاد صاف سٿرو ماحول نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين تي مشتمل آهن هنن والدين کي پنهنجي ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائڻ لاءِ انهن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ آگاهي ڏني

بقايا 12

رضا محمد شيخ، نريش ڪمار درولعل ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڪرمپور ٿاڻون آفيس کان ڪرمپور لاڙي تائين پاڪستان زنده آباد ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شريڪ هندو پنچائت جي اڳواڻن ۽ شهرين پاڪ فوج زنده آباد ، پاڪستان زنده آباد جا نعره لڳايا، ريلي جي موقعي تي اڳواڻن ۽ شهرين چيو ته پاڪ فوج پنهنجي ملڪ پاڪستان جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي، هنن چيو ڀارتي جارحيت خلاف گذريل رات جيڪا پاڪ فوج مودي سرڪار ڀارت کي موت ڏني سا پوري دنيا ڀارت جي تباهي ڏٺي، پاڪستاني فوج ڀارت تي ڪامياب حملا ڪري ، ڀارت کي ٻڌائي ڇڏيو ته پاڪ فوج پنهنجي ملڪ پاڪستان ۽ عوام جو دفاع ڪرڻ ڄاڻي ٿي، اڳواڻن چيو اسان پاڪستان ۾ رهندڙ هر مذهب جا ماڻهو پاڪستاني آهي ۽ پاڪ فوج سان شانه بشانه گڏ آهيون

بقايا 13

ڪوسو جي فرياد تي ٻن جوابدارن معشوق سولنگي ۽ سجاد شيخ خلاف گمبٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل، پوليس ٻنهي جوابدارن سجاد شيخ ۽ معشوق سولنگي کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي. ان سلسلي ۾ گمبٽ پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ٻه ڏينهن اڳ گمبٽ جي غريب آباد محلا ۾ ٻن جوابدارن معشوق سولنگي، سجاد شيخ پاران ٻن ٽينگرن 8 سالن جي وحيد علي ۽ 10 سالن جي امام ڏنو ڪوڪر کي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو آهي. جنهن جو ڪيس ٽينگر جي والد مير محمد ڪوسو جي فرياد تي داخل ڪري ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ٻنهي ٽينگر جي ميڊيڪل لاءِ ليٽر جاري ڪيو آهي. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. وارثن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 14

شاگردن جي تنظيم سکر جي اڳواڻ علامه عبدالولي قادري جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيس ان موقعي تي اسلامي شاگردن جي تنظيم سکر جي اڳواڻ علامه عبدالولي قادري ۽ ٻين پاڪستاني فوج کي ڀارتي جارحيت جو جواب ڏيڻ تي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پاڪستان اسان جي بزرگن جي قربانين سان ٺهيو آهي ۽ ان جي حفاظت لاءِ اسان پنهنجي بهادر فوجن سان گڏ پنهنجي جانڙ جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ پاڪستاني فوجن سان گڏجي سرحدن جي حفاظت لاءِ گڏ بيٺل آهيون. پاڪستاني فوج ڀارتي جارحيت جو جواب ڏئي رهي آهي پاڪستاني فوج ڀارتي جارحيت جي سخت مذمت ڪندي ڀارت جي مختلف شهرن جي سربراهه تي فخر جو اظهار ڪيو آهي. پاڪستان جي هٿيار بند فوج پاران هندستاني حملن جي دفاع ۾ جيڪي قدم کنيا ويا آهن اهي قابل تعريف آهن. پاڪستاني قوم ملڪ جي دفاع ۽ استحڪام لاءِ پنهنجي بهادر هٿيار بند فوج ۽ قومي سلامتي ادارن سان گڏ بيٺل آهي. هن جو چوڻ ته اسلامي فرضن مان هڪ اهم ترين فرض جهاد في سبيل الله به فرض آهي جيڪو امت مسلم جي سربلندي جو سبب بڻيو آهي. پوري قوم پاڪستان جي سلامتي ۽ تحفظ لاءِ متحد آهي، هنن مطالبو ڪيو ته عالمي برادري ڀارت جي امن دشمن قدمن جو نوٽيس وٺي ۽ حڪومت ڀارتي دهشتگردي جو معاملو عالمي سطح تي اٿاري.

بقايا 15

۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ اڳواڻن قومي سلامتي کي يقيني بڻائڻ، ڀارتي جارحيت جي مذمت ڪرڻ، فلسطينين سان پنهنجي مضبوط حمايت جو اظهار ڪرڻ، ملڪ جي استحڪام کي برقرار رکڻ ۽ وطن جي دفاع لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جي عزم جو ورجن ڪيو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مرڪزي مسلم ليگ سنڌ جي صدر فيصل نديم زور ڏيندي چيو ته "دولت ايماني ۽ جذبو جهاد ئي اسان جو اصل سرمايو آهي ۽ دنيا جون تمام مادي طاقتون هن روحاني قوت جي اڳيان بي وس آهن." هن وڌيڪ چيو ته "هندوستان پاڪستان جي خوف کان پنهنجن ڪيترن ئي شهرن ۾ بجلي جي بندش (بليڪ آئوٽ) ڪرڻ تي مجبور آهي. ۽ شهدادپور ۾ هي ڪامياب 'عزم عالشان ڪانفرنس' اسان جي بلند حوصلن جو واضح ثبوت آهي. پوري پاڪستاني قوم ڀارتي جارحيت جي خلاف متحد آهي شهدادپور جي جنرل سيڪريٽري اسيد الرحمان هن اجتماع کي "عوامي بيداري ۽ قومي شعور جو مظاهرو" قرار ڏيندي چيو ته "اسان پنهنجي دشمن جي تمام ناپاڪ منصوبن جي خلاف مضبوط ديوار وانگر بيٺا آهيون " ڪراچي کان آيل صدر احمد نديم اعوان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسان جي بهادر شاهينن هميشه دشمن جي ارادن کي خاڪ ۾ ملايو آهي." انجمن تاجران جي صوبائي صدر حاجي جاويد قريشي چيو ته "ايمان، اتحاد ۽ قرباني جي طاقت سان اسان هر محاذ تي ظلم جي خلاف پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهنداسين."مرڪزي مسلم ليگ جي ڊويزنل رهنما حافظ رضاءَ الله پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته "پوري پاڪستاني قوم پنهنجي دفاع لاءِ يڪجان آهي. جيڪڏهن ڀارت ڪنهن به قسم جي جارحيت جي ڪوشش ڪئي ته ان کي ڏندان شڪن جواب ڏنو ويندو "پريس ڪلب شهدادپور جي سرپرست ارشاد ظفر بخاري چيو ته "هي ڪانفرنس نه صرف ملڪي دفاع لاءِ هڪ مضبوط پيغام آهي، پر هي امت مسلمه سان اسان جي محبت ۽ يڪجهتي جو به واضح ثبوت آهي. "ڪانفرنس ۾ پاڪ فوج جي حق ۾ نعرا بلند ڪيا، مظلوم فلسطيني ڀائرن سان پنهنجي حمايت جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 16

غلام علي ميمڻ جي صدارت ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مڪلي ۾ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام ۾ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب ٺٽو هارون احمد خان، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري نور سرائي، اسسٽنٽ رجسٽرار محمد حنيف پهنور هيڊ مسٽريس ياسمين انڙ کان علاوه استادن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي محتسب جي سينئر صلاحڪار ريحانا غلام علي ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته صوبائي محتسب جو ادارو هر وقت عوامي شڪايتن جي فوري حل لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي، جتي شهري وڪيل کان سواءِ شڪايت داخل ڪرائيندي ئي سندن مسئلا ٿوري وقت ۾ حل ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته صوبائي محتسب جو ادارو صوبائي حڪومت جي کاتن جي بدانتظامي خلاف مفت ۽ فوري انصاف فراهم ڪرڻ جو سڀ کان وڌيڪ اثرائتو ادارو آهي. هن محتسب اعلى سنڌ جي اداري جي اهميت ۽ اثرن ۽ طريقيڪار جي وضاحت ڪندي ٻڌايو ته شهري ڪنهن به صوبائي کاتي خلاف پنهنجي شڪايت صرف هڪ سادي ڪاغذ تي موڪلي سگهن ٿا ۽ شڪايت ڪندڙن جا مسئلا جلد حل ڪيا وڃن ٿا. هن چيو ته صوبائي محتسب اعلى جي نظريي ۽ هدايتن تي ماڻهن کي انصاف فراهم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ملڪ ۾ انصاف فراهم ڪندڙ ادارا موجود آهن پر انهن تائين رسائي لاءِ بنيادي معلومات جي کوٽ سبب ڪيترائي ماڻهو ان کان محروم آهن. هن چيو ته ڪنهن به صوبائي کاتي ۾ جائز مسئلن جي حل سميت ٻارن تي تشدد ۽ ڪم جي جاءِ تي عورتن کي هراسان ڪرڻ بابت اسان جي آفيس ۾ درخواستون ڏيون وڃن ته جيئن انهن مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻي انصاف فراهم ڪري سگهجي ۽ گڏ انصاف تي ٻڌل هڪ بهتر سماج جوڙي سگهجي. هن شاگردياڻين کان درپيش مسئلن بابت پڻ پڇيو ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب ٺٽو هارون احمد خان پڻ شرڪت ڪندڙن کي صوبائي محتسب جي اداري بابت تفصيلي معلومات ڏني. ان موقعي تي تعليمي عملدارن پڻ خطاب ڪندي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني. بعد ۾ سينئر صلاحڪار صوبائي محتسب ريحانا غلام علي ميمڻ اسڪول جي مختلف ڪلاس رومز جو معائنو ڪيو ۽ تدريسي عمل جو جائزو پڻ ورتو ان کان علاوه، هن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس سيڪنڊري ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪري ماڻهن جا مسئلا معلوم ڪيا ۽ موقع تي لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي مسئلن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا.

بقايا 17

عنوان سان شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ضلعي سيڪريٽريٽ تئين پند سکر کان شروع ٿي شهر جي مختلف روڊن تان گذرندي سکر پريس ڪلب تي ختم ٿي.ريلي ۾ شامل ن ليگ ڪارڪنن جي هٿن ۾ قومي جهنڊا هئا ۽ "پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جا زوردار نعرا هڻي رهيا هئا. ريلي دوران فضا جوش ۽ جذبي سان گونجي رهي هئي ۽ عوام ڀرپور شرڪت ذريعي پنهنجي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو سکر پريس ڪلب تي مظاهرين سان خطاب ڪندي خورشيد احمد ميراڻي چيو ته اسين هڪ قوم جي حيثيت سان پنهنجي پاڪ فوج سان هڪ پيج تي آهيون. ماضي ۾ به پاڪ فوج سان گڏ بيٺا هئاسين ۽ اڄ به پنهنجي فوج سان جمي بيٺا آهيون. هن پنهنجي خطاب ۾ ڀارت کي سخت پيغام ڏيندي چيو ته اسين هي ريلي ڪڍي دشمن کي اهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته هو ڪنهن به غلط فهمي ۾ نه رهي. جيڪڏهن هن پاڪستان تي جارحيت جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس ڀرپور ۽ منهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو. ڀارت سولين آبادي کي نشانو بڻائي بزدلاڻو عمل ڪيو آهي ۽ هاڻ ڪيس اسان جي پاڪ فوج جي رد عمل جو انتظار ڪرڻ گهرجي. خورشيد ميراڻي چيو ته هاڻ وقت ۽ جاءِ جو فيصلو اسين ڪنداسين ۽ دشمن کي ان جي جارحيت جو اهڙو جواب ڏينداسين جو تاريخ ياد رکندي. هن چيو ته هي ريلي ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿي ته سڄي قوم پاڪ فوج سان گڏ بيٺي آهي جيئن ته سيمنٽ جي پٽ. ريلي دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته ٽرئفڪ جي رواني کي برقرار رکڻ لاءِ پوليس جي اضافي نفري به مقرر هئي. شهرين مسلم ليگ(ن) جي هن قدم کي ساراهيو ۽ قومي يڪجهتي قائم رکڻ تي زور ڏنو هي ريلي نه رڳو ڀارت خلاف واضح پيغام هئي پر ان مان اهو به ثابت ٿيو ته قوم، سياستدان ۽ عوام پاڪ فوج سان يڪجهتي ۾ متحد آهن. ريلي ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري اعظم خانليزيز وٽگ اڳواڻ خالده شيخ انفارميشن سيڪريٽري گل حسن ڪوسو فهيم گڙگيچ شمشاد حسين ميراڻي راشد مهرنعيم بدرا ڪرم سومرو بابو سجل وحيد قليوٽو احمد حسين پٽي سميت ٻيا عهديدار پڻ شامل هئا

بقايا 18

ڀرتي ڪرڻ لاءِ شيڊول جاري ڪيو ويو آهي، جنهن تحت آرمي سيلڪشن ۽ ڀرتي مرڪز شاهرا فيصل ڪراچي ۾ 25 مئي 2025 تائين رجسٽريشن ۽ سليڪشن ڪئي پئي وڃي. پاڪ فوج ۾ سپاهي جي ڀرتي لاءِ قد 5 فوٽ 6 انچ، سپاهي (ڪلرڪ) ۽ بورچي جي ڀرتي لاءِ قد 5 فٽ 3 انچ ۽ عمر جي حد 17 سال 6 مهينن کان 23 سال جڏهن ته تعليم ميٽرڪ هجڻ لازمي آهي. گهربل معيار تي پورا لهندڙ خواهشمند نوجوان پنهنجا اصل ڊوميسائل، پي آر سي، مارڪ شيٽ، پڪا سرٽيفڪيٽ، اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ، پيءُ جو شناختي ڪارڊ ۽ 6 پاسپورٽ سائيز فوٽو ۽ سيني دستاويزن جون تصديق ٿيل ڪاپيون مقرر ڪيل هنڌ تي پاڻ سان گڏ کڻي اچن. وڌيڪ معلومات لاءِ پاڪ فوج جي چونڊ ۽ ڀرتي مرڪز جي نمائندي جي فون نمبر 021-32790918 ۽ موبائل نمبر 0332-0265096 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 19

۽ شاگردن پاران ريلي ڪڍي وئي. تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري عاشق علي چانڊيو، نسيم الدين ابڙو، وقار علي ڪوڪر، حزب الله سيال، واجد علي ڪلهوڙو، اعجاز علي سميت سوين شاگردن هٿن ۾ پاڪستاني جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي اسڪول کان بني بهرام ميروخان روڊ تائين ريلي ڪڍي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا لڳايا. ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هيو ته سڀ کان پهرين ڀارت عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري پاڪستان تي حملو ڪري معصوم شهرين کي شهيد ڪيو جنهن بعد پاڪ فوج پنهنجي ملڪ کي محفوظ رکڻ وارو حق استعمال ڪندي ڀارت کي سندس جي ئي سرزمين ۾ شڪست ڏني، هنن چيو ته پاڪ فوج تي اسان کي فخر آهي اڄ پاڪستان جو ٻچو ٻچو به فوجي آهي ۽ هر هڪ ۾ قومي جذبو آهي ته ملڪ جي لاءِ شهادت پسند آهي پر ڪنهن به قيمت ملڪ جي خلاف سازش برداشت نه ڪئي ويندي، هنن چيو ته پاڪ فوج دنيا اڳيان پاڪستان جو ٿالهو فخر سان بلند ڪيو آهي ۽ اسان پنهنجي فوج کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا ۽ شهيد ٿيندڙ غازين کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا، هنن چيو ته پاڪستان جي بنيان مرصوص آپريشن ڀارت جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن ۽ انشاء الله پاڪستان ضرور ڪامياب ٿيندو پاڪستان هميشه زنده آباد رهندو.

بقايا 20

ڪتاب ڏئي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ڊي اي او پرائمري اسڪول اياز حسين مهيسر ٽي اي او الله بچايو خاصخيلي. تفصيل موجب خيرپور تعلقي جي 2 سئو کان وڌيڪ پرائمري اسڪول جي شاگردن مفت ڪتاب تقسيم ڪيا ويا. اها ڳالهه ڊي اي او پرائمري اسڪول اياز حسين مهيسر ٽي اي او الله بچايو خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مفت ڪتاب ورهائڻ جو سلسلو جاري آهي. پرائمري اسڪولن جي شاگردن کي پهرين کان پنجين درجي جي مفت ڪتاب ڏئي اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ۽ روحاني سڪون مليو آهي. هنن چيو ته ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ شاگرد تمام گهڻي تعداد ۾ غريب طبقي سان واسطو رکندڙ آهن. سنڌ حڪومت جي امانت طور موڪليل ڪتاب ٻارڙن کي ڏنا پيا وڃن هنن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ پرائيويٽ اسڪولن کان تعليم جو معيار بهتر آهي. نجي اسڪولن ۾ مهانگي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ مفت ڪتاب مفت فرنيچر ڏنو پيو وڃي. اياز حسين مهيسر. الله بچايو خاصخيلي وڌيڪ چيو ته اڄ اسان سرڪاري اسڪولن جي بهتري، شاگردن جي داخلا ۾ واڌ، والدين، شهرين ۾ سرڪاري اسڪولن ۾ معياري تعليم ڏيڻ لاءِ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ مهم شروع ڪئي وئي آهي. هنن چيو علم آزادي آهي. جهالت غلامي آهي، استاد عظيم ۽ شاگرد جو مستقبل آهن، جنهن لاءِ معاشري جي هر مڪتبہ فڪر کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي. چوته قومن جي تقدير علم سان ئي تبديل ٿيندي آهي.جنهن لاءِ استادن، شهرين، سماجي اڳواڻن، اسٽيڪ هولڊرن ، شهرين با شعور عوامي نمائندن کي گهرجي هو پنهنجي علائقن ۾ والدين کي پيغام ڏين ته سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن کي داخل ڪرائن ته جئين سرڪاري اسڪولن جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪري سگهجي. هنن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استاد معياري ۽ جديد سائنس جي روشني ۾ تعليم ڏئي رهيا آهن ، جنهن جي ڪري عوام کي پنهنجا ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائي فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي.سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي داخل ڪرڻ سان والدين جو پيسو به بچي ٿو ۽ شاگردن جو مستقبل سنوارجي سگهي ٿو جنهن ڪري نجي اسڪول بجاءِ سرڪاري اسڪولن ۾ وڌ ۾ وڌ ٻارن کي داخل ڪرايو وڃي، ان موقعي تي اختر حسين قليوٽو، شاهنواز عباسي. ثناء الله مگنهار محمد بچل عباسي. غمنار خان ڪٺوهر. فيروز علي نوهائي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 21

گهمرو کي فيڊريشن آف آل پاڪستان يونيورسٽيز اڪيڊمڪ اسٽاف ايسوسيئيشن (فاپواسا) جو نائب صدر چونڊجڻ تي سنڌس مان ۾ ڊيموڪريٽڪ فيميلز پاران خاص تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ نامور ڊيموڪريٽڪ اڳواڻن ۽ علمي شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جي ڪاروائي ڊاڪٽر زينت ڪنول ۽ اخلاق حسين لاڙڪ هلائي. ان موقعي تي تقريب ۾ ڊاڪٽر اختيار علي گهمرو جي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر واحد بخش جتوئي چيو ته اسان خوش نصيب آهيون جو اسان وٽ اهڙو بهادر اڳواڻ موجود آهي جيڪو هميشه انصاف ۽ اڪيڊمڪ برادري جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندو رهي ٿو .ان موقعي تي فاپواسا جي نائب صدر پروفيسر ڊاڪٽر اختيار علي گهمرو چيو ته مان سموري علمي برادري ۽ ڊيموڪريٽڪ دوستن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو خاص طور تي ڊيموڪريٽڪ فيميلز جو جن هي شاندار تقريب منعقد ڪئي. ڊاڪٽر اختيار گهمرو وڌيڪ چيو ته مان هر حال ۾ اوهان جي حقن لاءِ هميشه جدوجهد ۽ هر فورم تي تحفظ ڪندس هي گڏجاڻي علمي ۽ ڊيموڪريٽڪ برادري جي اتحاد ۽ ٻڌي جو مظاهرو هئي جتي شرڪت ڪندڙن ڊاڪٽر گهمرو سان پنهنجي حمايت جو اظهار ڪيو تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن ڊيموڪريٽڪ فيميلز ميمبرن شاندار تقريب کي ساراهيو تقريب ۾ ڊاڪٽر طوبي، ڊاڪٽر شازيا، ڊاڪٽر سعدي، ڊاڪٽر خالد مهر ڊاڪٽر فوزيا سيال، ڊاڪٽر قرت العين، ڊاڪٽر شائستہ پنهڻ، ڊاڪٽر طاهره، ڊاڪٽر حميرا ڏوگر، ڊاڪٽر شمروز، ڊاڪٽر مظفر سروهي، ڊاڪٽر زين آريجو ڊاڪٽر سراج سومرو، ڊاڪٽر سيد منير شاه ڊاڪٽر نظر قليوٽو ڊاڪٽر ارشاد وساڻ، ڊاڪٽر زاهد، ڊاڪٽر مجيد انصاري، رحمان قل ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 22

جنهن ۾ صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي قاضي آصف، حضور بخش پٽي، عبدالقيوم احمد، ڪليم الله عباسي ۽ خيرپور پريس ڪلب جي سرپرست اعلى خان محمد خان چيو ته هن ورڪشاپ جو مقصد صحافين کي زراعت، پبلڪ صحت، زراعت، تعليم ۽ ٻين کاتن بابت آگاهي ڏيڻ آهي ۽ سنڌ جي شماريات ۽ صحافين گڏيل ڪوشش ڪئي آهي ته هر سال زراعت، پبلڪ زراعت، صحت ۽ تعليم جي انگن اکرن جو جائزو ورتو وڃي ۽ ايندڙ بجيٽ تيار ڪرڻ ۾ سنڌ حڪومت جي مدد ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته صحافي پنهنجي قلم جي طاقت سان ماڻهن جي مسئلن کي اجاگر ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرائي سگهن ٿا. هاڻي اليڪٽرانڪس، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا جو دور آهي. سماج ۾ پکڙيل برائين جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ انهن کي پاڙ کان ختم ڪرڻ جي فوري ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو ته سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو آهي ته جيئن اسان مختلف شعبن ۾ ڪرپشن کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهون ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن زراعت، اسڪورٽي، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ بهتري ايندي ته ملڪ ترقي ڪندو ۽ اهو ئي اسان کي ڪرڻو آهي. ان موقعي تي صحافين کاتن ۾ ٿيندڙ ڪرپشن ۽ آمدني جي ذريعن جي گولا جي نشاندهي ڪئي، جنهن جي ڪري حڪومت اربين روپين جو نقصان برداشت ڪري رهي آهي، جڏهن ته صحافين سنڌ اسٽيٽس جي اڳواڻن کي پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو ان موقعي تي صحافين کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

بقايا 23

ويو جنهن جي جنازي نماز درگاهه حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سيجڻ مبارڪباد ۾ ادا ڪئي وئي ڏندن جي مشهور ڊاڪٽر جاويد هاشمي جو وڏو فرزند نوجوان ڊاڪٽر اويس هاشمي اوچتو وفات ڪري ويو جنهن سبب ڀٽ شاه جي عوام ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو جنهن کي گلستان يار علي فقير قبرستان ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو جنازو دفنائڻ وقت مقامي شهرين توڙي عزيزن جون اکيون آليون ٿي ويون ، جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سندس تڏو شيخ محلا بوداڻي چوڪ وٽ وڇايو ويو آهي جتي پوئين سان تعزيت جو سلسلو جاري وساري

بقايا 24

ڪليري، وزير حيدري، منثار علي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي انڊيا پاڪستان تي جارحيت ڪري رهيو آهي ۽ شهري آبادي کي نشانو بڻائي رهيو آهي. جنهن ڪري معصوم شهري شهيد ٿي رهيا آهن. جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. پاڪ فوج دشمن کي زبردست جواب ڏئي رهي اسين پاڪ فوج سان گڏ آهيون. احتجاج ڪندڙن اقوام متحده کان مطالبو ڪيو ته پاڪ ڀارت جنگ بندي ڪرائي وڃي ٻئي صورت ۾ پاڪ فوج پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو تحفظ ڪرڻ ڄاڻي ٿي. پاڪستاني عوام پاڪ فوج سان هر محاذ تي گڏ آهي.

بقايا 25

ويجهو دماغي رڳ ڦاٽڻ نتيجي ۾ ڳوٺاڻو فوت ٿي ويو وارثن ۾ روڄ راڙو پٽجي ويو خبر موجب وڳڻ جي ڳوٺ ڪري موري واسي 48 ورهين جو ڳوٺاڻو محمد يوسف مغيري گهر اندر اوچتو بيهوش ٿي ويو جنهن کي وارث ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي کڻائي ويا جتي هن علاج دوران دم ڏنو ڊاڪٽرن پاران موت دماغي رڳ ڦاٽڻ قرار ڏنو ويو اهڙي طرح فوتي جو مڙهه گهر آندو ويو ته وارثن ۾ روڄ راڙو پٽجي ويو ان حوالي سان سنڌس وارث ڀاءُ سعيد احمد ٻڌايو ته وڏي ڀاءُ محمد يوسف کي گهر اندر مٿي ۾ سور پيو ۽ هو غش ٿي ويو جنهن کي ترت ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي داخل ڪرايو جتي هو علاج دوران فوت ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن موجب ته سنڌس موت دماغي رڳ ڦاٽڻ سبب ٿيو آهي جڏهن ته فوتي ڀاءُ ڇهن ٻارڙن جو پيءُ هو.

بقايا 26

اسپتال جي مين گيٽ اڳيان گندو پاڻي بيٺل چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگر آفيس ۾ ويهڻ ڇڏي ڏنو ڪم ڪارن لاءِ ايندڙ شهري سخت پريشان 100 کان مٿي ملازم ويزا تي ڇڏيل ،ڪلارڪ ساجد ابڙو ڦي ملازم کان 10 کان 15 هزار جا چيڪ وٺي پگهار ٿيڻ کان پوءِ 5 لک چيئرمين 5 لک ميونسپل آفيسر تائين پهچائڻ لڳو سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج سماجي اڳواڻ پاران هٿن ۾ ٿو ڪٿي چيئرمين ۽ ميونسپل آفيسر خلاف نعري بازي تفصيل موجب ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگر جي نااهلي جي ڪري ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جا روڊ رستن ۽ مختلف وارڊن اندر ڪالونين سميت سول اسپتال جي مين گيٽ تي گندو پاڻي بيٺل آهي جنهن ڪري شهري سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن۽ علاج ڪرائڻ لاءِ ايندڙ پيراسن مرد عورتون ۽ معصوم ٻارڙا گندي پاڻي مان گذر ڪرڻ ڪري زخمي پڻ ٿين ٿا پر ميونسپل ڪاميٽي جي نااهل انتظاميا خاموش آهي ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ميونسپل آفيسر عبدالوحيد تگر آفيس ۾ ويهڻ ڇڏي ڏنو آهي صرف هر مهيني جي پهرين تاريخن ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي قسط اچڻ وقت آفيس جو منهن ڏسڻ کان پوءِ وري غائب رهن ٿا جڏهن ته ميونسپل ڪاميٽي ۾ ڪم ڪندڙ اهم ذريعن وٽان معلومات ملي آهي ته هڪ سوءِ جي لڳ ڀڳ ملازمن کي ويزا تي ڇڏي ڏنو آهي ويزا تي ڇڏيل ملازمن کان ماهوار 10 هزار کان 15 هزارن جا في ملازم کان چيڪ ڪلارڪ ساجد ابڙو وٺي جمع ٿيندڙ رقم مان 5 لک چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ 5 لک رپيا ميونسپل آفيسر عبدالفتاح تگر وٽ پهچائڻ لڳو باقي رقم پاڻ ۾ ورهائڻ لڳا ٻئي طرف سماجي اڳواڻ ماهنور شيخ ٻنهي هٿن ۾ ٿو ڪٿي احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ڏاهيندي چيو آهي ته ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جو چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ جي نااهلي ۽ ڪرپشن ڪرڻ جي ڪري جي ميونسپل ڪاميٽي جو سمورو ڪاروهنوار متاثر لڳو پيو آهي ۽ 70 سيڪڙو ملازم به ڊيوٽي تي نٿا اچن ان ڪري ڪم ڪار لاءِ ايندڙ شهري سخت پريشان آهيون هن جي نااهلي جي ڪري شهر جا سمورا روڊ رستا گندي پاڻي سان ڀريا پيا آهن پر ميونسپل انتظاميان گندو پاڻي ڪيرائڻ جي لاءِ تيار ناهي باقي ماهوار 15 کان 20 لک تيل جو بل ڊيڪاري بجيٽ هضم ڪئي پئي وڃي هنن چيو ته چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ کي هٽايو وڃي ٻئي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا 27

پکو ٿاڻي جي حد ۾ گذريل 2 ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ هڪ افسوسناڪ ۽ حساس واقعو پيش آيو، جتي پوليس موبائيل جي ٽڪر سان ڳوٺاڻي محمد شريف مغيري جي مينهن مري وئي، واقعي کان پوءِ پوليس موبائيل جو ڊرائيور ۽ علائقي جا معزز شخصيتون پاڪ ڪتاب کڻي متاثر ڳوٺاڻي وٽ پهتا ۽ معافي جي اپيل ڪئي، جنهن تي ڳوٺاڻي وڏي ظرف جو مظاهرو ڪندي سڄو واقعو معاف ڪري ڇڏيو. پوليس موبائيل جي ڊرائيور راحب علي راهوجو جي هٿان محمد شريف مغيري جي مينهن بي ڌيانيءَ سبب موبائيل جي ٽڪر هيٺ اچي مري وئي، اهڙي واقعي تي ڳوٺاڻن ۾ ڏک ۽ مايوسي ڇانئجي وئي، واقعي جي ذميواري قبول ڪندي پوليس ڊرائيور راحب علي راهوجو علائقي جي معزز شخصيتن سيد احسان علي شاهه بخاري، سڪندر علي، پوليس اهلڪار علي گل مغيري، مظهر علي ڪچي، رسول بخش مغيري، نياز حسين، محمد رمضان ۽ ٻين سان گڏ پاڪ ڪتاب سان ڪري محمد شريف مغيري جي اوطاق تي پهتو هنن ڳوٺاڻي سان ملاقات ڪري واقعي کي غير ارادي قرار ڏنو ۽ ڪيس دل تان معافي وٺڻ جي گذارش ڪئي، محمد شريف مغيري پنهنجي وڏي دليري ۽ وسعت قلب جو مظاهرو ڪندي نه فقط معافي قبول ڪئي پر علائقي ۾ امن ۽ ڀائيچاري جي فضا کي قائم رکندي سڄي واقعي کي معاف ڪري ڇڏيو هن چيو ته مينهن جي وڃڻ جو ڏک ضرور آهي پر جيڪڏهن اڳيان کان احساس ۽ تڪليف جو اعتراف ملي ته معاف ڪرڻ ئي بهتر آهي.

بقايا 28

گوليون لڳڻ مارجي ويلن ۾ عمران ۽ اڪبر قل شامل واقعو ٻارن جي معمولي ڳالهه تان پيش آيو. اطلاع تي پوليس پهچي وئي، لاش سول اسپتال منتقل ڪيا ويا جڏهن ته ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ۽ ڪنهن وقت به وڌيڪ انساني جانيون ختم ٿي سگهن ٿيون

بقايا 29

25سال نوجوان اعجاز احمد پٽ پهلوان بروهي ٽريپي ٽريپي فوت ٿي ويو اطلاع تي ڳوٺ عبدالغني بروهي ۾ ڪهرام مچي ويو وارثن انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ملوث عملدارن مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي فوتي جا وارثن چيف سيڪو جي ايس او پنو عاقل چانوٿي سميت اعلى اختيارين کي اپيل ڪئي ته لکي واپڊا سب ڊويزن جي عملدارن کي ڪريل تارن جون درخواستون ڏئي ڏئي ٿڪا آهيون جن ٻڌي آخر اسانجو نوجوان اعجاز احمد بروهي مال چارڻ دوران 11 هزار وولٽيج جي ڪريل تارن ۾ وڃڻ فوت ٿي ويو پهلوان بروهي فوتي اعجاز بروهي جو والد ٻئي طرف فوتي جي وارثن چيو ته واپڊا جي انتظاميه خلاف عدالت سگهوري ۾ ويندا سين

بقايا 30

جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس خيرپور ميرس ۾ ٿيو اجلاس ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي صورتحال، ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگي معاملن امن ۽ امان، حفاظتي اپائن، سوشل ميڊيا جي صحيح ۽ غلط استعمال، عوامي هنڌن جي حفاظت، پيٽرولنگ، پرڏيهين جي آمد ۽ سيڪيورٽي اپائن، ادارن ۾ معلومات جي ڏي وٺ، موٽر سائيڪلن جي چوري ۽ مذهبي مقامات، مندر مسجدن، امام بارگاهن، گردوارن،چرچ ۽ ٻين جي حفاظت سميت اهم معاملن تي تفصيل سان غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سوشل ميڊيا تي غلط معلومات جو پکڙجڻ ۽ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تڪرار جي پسمنظر ۾ ڪوڙ خبرون ۽ پروپيگنڊو وڌي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ سوشل ميڊيا پليٽفارم تي نگراني وڌائي ويندي. غلط معلومات پکڙيندڙ خلاف قانوني قدم کنيا ويندا. غير ملڪين جي سيڪيورٽي ضلعي ۾ موجود غير ملڪي شهرين (خاص ڪري سفارتي ۽ ڪاروباري شخصيتن) جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي پروٽوڪولز کي سخت ڪيو ويندو عوامي اجتماعن تي پابندي، موجوده سيڪيورٽي صورتحال کي مدنظر رکندي، ڪنهن به قسم جي جلسن، ريلين يا وڏن اجتماعن جي اجازت نه ڏني ويندي. پيٽرولنگ ۽ باهمي تعاون، پاڪستان رينجرز ضلعي ۾ گشتن جي تعداد وڌائيندي ۽ پوليس/انتظاميه سان ڪوآرڊينيشن کي يقيني بڻائيندي. موٽر سائيڪل چوري خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي چورن جي نيٽورڪ کي توڙڻ لاءِ خصوصي آپريشن ڪيا ويندا. مشڪوڪ ماڻهن جي ڊيٽا بيس کي اپڊيٽ ڪيو ويندو مذهبي مقامن جي سيڪيورٽي اثرائتي ڪئي ويندي. ايس ايس پي خيرپور جي رپورٽ مطابق اقليتي برادريون (خاص ڪري هندوئن) جي مندرن ۽ ٻين عبادت گاهن جي پرسان سيڪيورٽي چيڪ پوسٽ قائم ڪيون ويون آهن. اهم تنصيبن جي حفاظت، تاراءِ ٻين علائقن ۾ گيس فيلڊن پاور پلانٽس ۽ صنعتي يونٽن جي تحفظ لاءِ اضافي سيڪيورٽي تعينات ڪئي ويندي. انٽيليجنس شيئرنگ پڻ مڪمل رابطي سان ٿيندي سيني متعلق ادارن (خاص ڪري گيس ڪمپنين) کي ممڪن ڌمڪين بابت بروقت معلومات فراهم ڪيون وينديون.

بقايا 31

سانپاها ڪرڻ لڳا ، سارين جي اڳاٽي ٻجڻ جي پوکائي سخت متاثر تفصيل موجب ساٽوٺي موسم جو مئي مهينو شروع ٿيڻ باوجود پکو شهر ۽ آسپاس جي شاخن ۾ پاڻي نه پهتو ، رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ چيلو شاخ، ڪور شاخ، گهاڙ واهه، گهنوروارهه، راڄ واهه، ڳٽ شاخ، ميرواهه، سنهڙو چيلو شاخ ۾ پاڻي بجاءِ واري اڏامڻ لڳي آهي ، ساريالي فصل جي اڳاٽي ٻجڻ جي پوکائي سخت متاثر ٿيڻ لڳي ، ساريالي ٻجڻ جي پوکائي لاءِ مئي مهيني جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ شاخن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو ويندو هو پر هن ڀيرو گذرڻ باوجود شاخن ۾ پاڻي بجاءِ سوڪهڙو لڳو پيو آهي ، آبادگار سارين جي اڳاٽي فصل ڪرڻ کان قاصر ٿي ويا ، شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري آبي جيوت سميت چوپايو مال مرڻ لڳو آهي ، مالوند پري پري تائين چوپايو مال ڪاهي ويڙن وڙين مان پاڻي پيارڻ لڳا آهن ، جڏهن ته مڇي جا تلاءُ ۽ فارم سڪڻ ڪري ماهيگيرن جي لکين روپين جي مڇي مري رهي آهي ، ٻئي طرف شاخن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ تي آبادگارن عبدالحميد ميشو، حاجي پورو خان مغيري، حاجي جمال مغيري ، گلزار علي مغيري، سرور مغيري، غازي مغيري، رحيم بخش، محمد عرس، گلاب بروهي، جاويد مغيري، احمد نواز نديم سولنگي ۽ ٻين چيو ته ساٽوٺي جي موسم چڙهي وئي آهي پر شاخن ۾ پاڻي ناهي ڇڏيو ويو ، پهريان مئي مهيني جي شروع وارن ڏهاڙن ۾ پاڻي ڇڏيو ويندو هو پر هاڻي سڄو مهينو گذرڻ وارو آهي پر پاڻي ڇوڙ ناهي ڪيو ويو جنهن سان سارين جي اڳاٽي فصل ڪرڻ کان رهجي ويا آهيون ، شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري مال متاءِ اڄ مرڻ لڳو آهي ، مالوند ڀاڳيا سخت پريشان آهن ، پاڻي لاءِ پري پري تائين ڪلوميٽر پنڌ ڪري چوپايو مال پيارڻ لڳا آهن ، ان سان گڏ مڇين جا فارم ۽ تلاءُ پاڻي نه هجڻ ڪري سڪي رهيا آهن جنهن سان لکين روپين جي ماليت جي مڇي مري رهي آهي ، سرڪار آبي جيوت جي مرڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي ، آبادگارن وڌيڪ چيو ته آبپاشي کاتي جي نااهلي سبب هن وقت تائين پاڻي اچڻ ۾ دير ڪئي آهي ، پاڻي جي دير اچڻ سان سارين جو فصل پاڇاٽو ٿي وڃي ٿو ، آبادگارن مطالبو ڪيو ته شاخن ۾ جلد پاڻي ڇڏيو وڃي جيئن ساريالي فصل جا ٻج منڊائتا پوکي سگهون ۽ چوپايو مال آبي جيوت به مرڻ کان بچي وڃي.

بقايا 32

حسين شاه بخاري جي ميندي جي ڳوٺ ٻڌو حطار کان وزير علي چنا مير محمد چنا طرفان وڏي ڌام ڌوم سان آندي وئي عرس مبارڪ جي موقعي تي درگاهه حسين شاه جي گادينشين فقير سڪندر علي چنا، فقير ارشاد علي چنا، فقير غلام قادر چنا، راڻي پور جي سينيئر صحافي سيد زوار حسين شاه، فقير محمد عباسي، گلاب علي سيال ۽ ٻين درگاهه تي چادر چاڙهي ميلي جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي صوفي فنڪار فقير حسين بخش ورياهه، مير حسن چنا، سيد علي رضاشاه، برڪت ڪلهوڙو جڳ مشهور الغوزو جي استاد محمد بخش چنا، پنهل چنا صدرالدين چنا ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو عرس مبارڪ جي موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب درگاهه جي فقيرن فقير سڪندر علي چنا، فقير ارشاد علي چنا، فقير غلام قادر چنا طرفان سيد زوار حسين شاه، گلاب علي سيال ،فقير محمد عباسي ۽ ٻين کي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو ان موقعي تي تي سيد زوار حسين شاه خاص طور تي پياري پاڪستان جي ڪاميابي لاءِ دعائون گهريون ويون

بقايا 33

سيل جي انچارج شاهزيب پٽي پاران آئوٽ لوڪيشن تي غيرقانوني طريقي سان ڊوائيس هلائيندڙ خلاف سخت قدم کڻڻ هڪ مثبت بهادر ۽ قابل تعريف عمل آهي اهو ڪاروائي تڏهن سامهون آئي جڏهن معلوم ٿيو ته ڪجهه عملدار ڊوائيسون مقرر ڪيل هنڌن بدران ٻين لوڪيشنز تي استعمال ڪري رهيا هئا جيڪو بي آءِ ايس پي جي پاليسين ۽ غريب ماڻهن جي حقن جي سڌي ڀڃڪڙي آهي غريب ماڻهن لاءِ مختص ڪيل وظيفن ۾ اهڙيون بيقاعدگيون قومي وسيلن سان دوکو ڪرڻ جي برابر آهن جن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قليوٽو جو ميدان تي نڪرڻ حالتن جو جائزو وٺڻ ۽ بلا امتياز ڪاروائي جو حڪم ڏيڻ ان سڄائيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن جي اڄوڪي دور ۾ سخت ضرورت آهي ان سان گڏ شاهزيب پٽي جي اڳيرائي ڄاڻ ۽ فني مهارت پڻ ساراهه جوڳي آهي جنهن سان بي آءِ ايس پي جهڙي حساس اسڪيمن ۾ شفافيت ۽ جوابدهيءَ جو نئون باب کوليو ويو آهي اهڙين قدمن سان نه رڳو ڪرپشن ۽ ناانصافيءَ جي روڪٿام ٿئي ٿي پر ٻين عملدارن لاءِ پڻ هڪ واضح پيغام وڃي ٿو ته فرض ۾ لاپرواهي يا بي ايماني برداشت نه ڪئي ويندي اسان مطالبو ڪريون ٿا ته اهڙن واقعن جي روشني ۾ ضلعي صوبي ۽ قومي سطح تي پڻ هڪ منظم مانيٽرنگ جو نظام قائم ڪيو وڃي جيئن هر سطح تي غريب ۽ مستحق ماڻهن تائين سندن حق بنا رنڊڪ پهچي سگهي سڄي ضلعي جي عوام ۽ خاص ڪري بي آءِ ايس پي جي فائديمند عورتن کي هاڻ اعتماد سان چئجي ٿو ته انتظاميا جا ڪجهه ايماندار آفيسر سندن حقن جا محافظ بڻجي بيٺل آهن پوليس اهلڪار گلشير سهتو جي عمر تقريبن 30 سال هئي هو ڪراچيءَ ۾ ڊيوٽي ڪندڙ هئيو

بقايا 34

اسد ڏاهري مهدي حسن پنهور ڊاڪٽر الهجڙيو هنگورو عباس سائد علي نواز سريوال نويد نديم آرائين سميت ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسان پاڪ فوج سان هر محاذ تي گڏ آهيون ڀارت اڳرائي ڪئي آهي جنهن جو پاڪ فوج منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي هنن چيو ته اسان کي پنهنجي پاڪ فوج تي فخر آهي ان موقعي تي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا

بسلسلہ چوتھی برسی

قرآن خوانی و فاتحہ خوانی

محترم غالب منصور (مرحوم)

Adarts Karachi Pvt. Ltd.

بروز اتوار 11 مئی 2025ء

تمام احباب، اعزاء اور مداحوں سے گزارش ہے کہ وہ اپنے طور پر قرآن خوانی اور فاتحہ کرکے مرحوم کی روح کو ایصالِ ثواب پہنچائیں۔

سوگواران: نرگس منصور، حسان منصور، سلمان منصور، کنعان منصور و اہلِ خانہ

بٺوري ۾ جسقپ پاران سجاول ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگارن جي ريلي

اڳواڻن پاران پاڻي ناهي ڇو پيا ڪربلا ڪربلا، پاڻي جي کوٽ ختم ڪريو جا نعرا

جيڪڏهن ڏهن ڏينهن اندر پاڻي نه ڏنو ويو ته قومي پارٽي پاران ڀيهر احتجاج ڪنداسين: اڳواڻ

پاڻي وقت سر ڏيڍ سان سارياڻي فصل کي نقصان رسندو ۽ ننڍا آبادگار معاشي طور تباھ ٿي ويندا

ميرپور بٺورو (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان ضلعي سجاول ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ڪورواهه اسٽاپ کان پارٽي چيئرمين نواز خان زئور، يوسف ڪنڀار، قادر بخش زئور، وقار ميراڻي، اميربخش /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ميرپور بٺورو: جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

جروار ۾ ٻه هفتا اڳ قتل ٿيل نوجوان جو ڪيس پوليس اهلڪار ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن مٿان داخل

2 هفتا اڳ نوجوان نويد چنو کي جروار شهر ٻاهران چاڪر مائينروٽ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو

مقتول جي پيءُ عبدالرحمان چنو جي فرياد تي اهلڪار اربيلو گهوڙو ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن مٿان داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ نامزد پوليس اهلڪار گڏريل ڏينهن ٻه ٿاڻي تي هو، بعد ۾ فرار ٿي ويو، ڪيس گرفتار ڪيو: متاثر پيءُ

جروار (رپورٽر) جروار ۾ ٻه هفتا اڳ قتل ٿي ويل نوجوان جي قتل جو ڪيس جروار ٿاڻي/ ڏسو صفحو 3 بقايا 06

باقراڻي ويجهو گم ٿيل نوجوان ياءُ هٿان قتل ٿيڻ جو انڪشاف

نوجوان مختيارعلي کي سنڌس ياءُ بلاول عرف بلو ڪلهوڙو گهرو اڻبڻت تان سروٽا هڻي قتل ڪيو

مقتول نوجوان کي سنڌس قاتل ياءُ گهر جي ڪمري ۾ دفن ڪيو، ڪيس پڪٽ قائم، جاچ شروع

باقراڻي (رپورٽر) باقراڻي ويجهو ٻه مهينا اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل ڳوٺ سيد غلام شاهه جو رهواسي نوجوان کي سنڌس /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

باقراڻي: مبينا ياءُ هٿان قتل ٿيل بلاول ڪلهوڙو جي حياتي جي تصوير

سکر ۾ مزاحيه اسٽيج ڊرامو شادي آ طعدي پيش، سنڌو درياهه کي پڻ پيٽا پيش

سليم راجا جي مشهور مذاحيه اداڪار سهراب سومرو جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو

فنڪارن خوب داد حاصل ڪيو اسڪولي ٻارڙن ثقافتي ويس پهري ٽيبلو پيش ڪيا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آرٽس ڪائونسل جي سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر آرٽس ڪائونسل ۽ ثقافت /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

اسلامي شاگردن جي تنظيم سکر پاڪ فوج کي ڀارتي جارحيت جو جواب ڏيڻ خراج تحسين

سکر ۾ اسلامي شاگردن جي تنظيم انجمن طلباءِ اسلام پاران ڀارتي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

پاڪستان قربانين سان ٺهيو آهي، ان جي حفاظت لاءِ بهادر فوجن سان گڏ جانين جو نذرانو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻ

پاڪستاني فوجن سان گڏجي سرحدن جي حفاظت لاءِ گڏ بيٺل آهيون، پاڪ فوج ڀارتي جارحيت جو جواب ڏنو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ اسلامي شاگردن جي تنظيم انجمن طلباءِ اسلام سکر ضلعي پاران ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪستاني فوج جي حمايت ۾ ڪارڪن جي وڏي انگ ۾ ورڪشاپ روڊ سکر تي اسلامي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

سکر: اسلامي شاگردن جي تنظيم پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ استادن ۽ شاگردن پاران ريلي، نعريبازي

ڀارت عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري پاڪستان تي حملو ڪري معصوم شهرين کي شهيد ڪيو: اڳواڻ

پاڪ فوج پنهنجي ملڪ کي محفوظ رکڻ وارو حق استعمال ڪندي ڀارت کي سنڌس جي ئي سرزمين ۾ شڪست ڏني

پاڪستان جي ٻنيان مرصوص آپريشن ڀارت جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن پاڪستان ضرور ڪامياب ٿيندو

ٻهرام (رپورٽ: رحمت الله مگسي) ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ايليمينٽري اسڪول ٻنئي ۾ استادن /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

ٻهرام: ڀارتي جارحيت خلاف شهرين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سلوٽا جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر اختيارعلي گهمرو کي فاپواسا جو نائب صدر چونڊجڻ تقريب منعقد

خيرپور (د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن (سلوٽا) جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر اختيار علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

مينهن مرڻ وارو واقعو: پکو پوليس متاثر ڌر وٽ پهتي، ڌرين ناجائزي معاف ڪري ڇڏي

پوليس موبائيل جي ٽڪر ۾ محمد شريف مغيري جي مينهن مري وئي، پوليس ڊرائيور معززن کي ساڻ ڪري پهتو

پوليس ڊرائيور راحب علي راهوجو هٿن ڳوناٽي شريف سان ملاقات ڪري واقعي کي غير ارادي قرار ڏئي معافي ورتي

مينهن جو ڏک ضرور آهي پر اڳيان ڪان احساس ۽ تڪليف جو اعتراف ملي ته معاف ڪرڻ ئي بهتر آهي: شريف

پکو (رپورٽر) پکو پوليس موبائيل جي ٽڪر سان ڳوناٽي جي مينهن مري وئي، پاڪ ڪتاب ڪٽي متاثر ڌر وٽ پهتو ڳوناٽي طرفان سنڌ جي روايت موجب سڀ ناجائزيو معاف ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب: /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

نوشهروفيروز پرسان قل برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو، فائرنگ 2 ڄڻا فوت

ڳوٺ هاشم قل ۾ ٻارن جي ڀاڻ ۾ معمولي جهيڙي تان فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا

مارجي ويلن ۾ عمران ۽ اڪبر قل شامل اطلاع تي پوليس پهچي وئي، لاش سول اسپتال منتقل ڪيا

ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون ۽ ڪنهن وقت به وڏيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ جو خدشو ٿي ويو

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ هاشم قل ۾ قل برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو فائرنگ سبب 2 ڳوناٽا فوت تفصيل موجب نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ هاشم قل ۾ ٻارن جي ڀاڻ ۾ معمولي جهيڙي تان فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

خيرپور ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس ڪميٽي جو اجلاس منعقد

پاڪ ڀارت ٽڪرار جي پسمنظر ۾ ڪوڙيون خبرون پکيڙيون پيون وڃن: ڊي سي

سوشل ميڊيا پليٽفارم تي نگراني وڌائي ويندي، غلط معلومات پکيڙيندڙ خلاف قانوني قدم کنيا

خيرپور (د ر) ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس ڪميٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سڳيون ۾ سيد حسين شاهه بخاري جي ساليانى عرس مبارڪ جون تقريبون شروع

درگاهه حسين شاهه بخاري جي ميندي ڳوٺ ٻڊو حطار ڪان ڏام ڏوم سان آندي وئي

سيد زوار حسين شاهه خاص طور تي پياري پاڪستان جي ڪاميابي لاءِ دعائون گهريون

عرس مبارڪ جي موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب درگاهه جي فقيرن فقير سڪندر علي ۽ ٻين کي اجرڪ اوڙائون

سڳيون (رپورٽر) سڳيون جي ڪچي واري علائقي ۾ مشهور درگاهه سيد حسين شاهه بخاري جي ساليانى عرس مبارڪ جون تقريبون شروع ٿي ويون درگاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سڳيون: سيد حسين شاهه بخاري جي ساليانى عرس جي تقريب ۾ مقرر خطاب ڪندي

خيرپور ۾ اي سي بسپ شڪايت سيل جي انچارج پاران ڊوائيس هولڊرن خلاف ڪارروايون جاري

خيرپور (د ر) خيرپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر قلپوتو ۽ بي آءِ ايس پي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي شڪايت /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

وگڻ: معذور ڳوناٽا پائرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

وگڻ ۾ معذور ڳوناٽي جو پائرن ۽ پائٽين جي ناجائزين خلاف احتجاج

40 جريب زرعي زمين مان حصو گهرڻ تي پائرن بيدخل ڪري ڇڏيو آهي: ممتاز پتوجو

مون معذور سميت گهرياتين کي تشدد ڪيو ويو پٽ جي ٻانهن ڀڃي پئي، انصاف ڪريو

وگڻ (رپورٽر) وگڻ ۾ معذور ڳوناٽي جو پائرن ۽ پائٽين جي ناجائزين خلاف احتجاج ملڪيت مان حصو ڏيڻ جو مطالبو /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

صالح پٽ ۾ اي سي جي اڳواڻي ۾ پاڪ آرمي جي حمايت ۾ ريلي

اي سي ماجد ماڪن مختيارڪار آصف علي ڪلوڙ ايس ايڇ او احمد علي هاليپوٽو ۽ ٻين ريلي ڪڍي

پاڪ فوج ڀارت تي حملو ڪري منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي، اسان پاڪ فوج سان گڏ آهيون: اڳواڻ

صالح پٽ (رپورٽر) صالح پٽ ۾ پاڪ آرمي جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي صالح پٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ماجد ماڪو/ ڏسو صفحو 3 بقايا 05

ميهڙ: پرٽ برادري پاران مبينا پاڻي تي حملي دوران زخمي اهلڪار اسپتال ۾ داخل آهي

گمبٽ مبينا زيادتي جو نشانو بڻيل ٻن نينگرن جو ڪيس داخل، گرفتاريون

مير محمد ڪوسو جي فرياد تي معشوق سولنگي ۽ سجاد شيخ خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو، جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

گمبٽ (رپورٽ: عامر علي سهتو) گمبٽ جي غريب آباد پاڙي ۾ مبينا زيادتي جو نشانو بڻيل ٻن نينگرن جي والد مير محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ٺٽي ۾ صوبائي محتسب پاران مڪلي ۾ آگاهي پروگرام منعقد

گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ ريحانه غلام علي ميمڻ جي صدارت ۾ آگاهي تقريب ٿي

صوبائي محتسب جو ادارو عوامي شڪايتن جي حل لاءِ ڪوشش ڪري پيو: ريحانه غلام علي ميمڻ

مسئلن جي حل ٻارن تي تشدد عورتن کي هراسان بابت آفيسن ۾ درخواستون ڏنيون وڃن

ٺٽو (د ر) ٺٽي ۾ صوبائي محتسب اعلي محمد سهيل راجپوت جي هدايتن تي صوبائي محتسب جي سينئر صلاحڪار ريحانه /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

مرڪزي مسلم ليگ پاران شهدادپور ۾ "عزم عاليشان ڪانفرنس" منعقد

دولت ايماني ۽ جذبو جهاد ئي اسان جو اصل سرمايو آهي، مادي طاقتون هن روحاني قوت جي اڳيان بي وس آهن

اسان پنهنجي دشمن جي تمام ناپاڪ منصوبن جي خلاف مضبوط ديوار وانگر بيٺا آهيون: اڳواڻن جو خطاب

ڪانفرنس ۾ پاڪ فوج جي حق ۾ نعرا بلند ڪيا، مظلوم فلسطيني پائرن سان پنهنجي حمايت جو اظهار

ملدسي (رپورٽ: نظر حسين مهيسر) مرڪزي مسلم ليگ جي پاران شهدادپور جي دل ۽ ڌڙڪن واري علي چوڪ تي هڪ شاندار "عزم عاليشان ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين جي وڏي انگ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ملدسي: مرڪزي مسلم ليگ پاران ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ مقرر خطاب ڪندي

خيرپور: 2 سٽو ڪان وڏيڪ پرائمري اسڪول جي شاگردن مفت ڪتاب تقسيم

ڊي اي او پرائمري اسڪول اياز حسين مهيسر، ڊي اي او الله بچايو خاصخيلي ۽ ٻين ڪتاب ورهايا

شاگردن کي مفت ڪتاب ڏئي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ روحاني سڪون مليو آهي: ڊي اي او

خيرپور (د ر) خيرپور تعلقي جي 2 سٽو ڪان وڌيڪ پرائمري اسڪولن جي شاگردن کي پهرين ڪان پنجين درجي جي شاگردن کي مفت /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

خيرپور: سنڌ اسٽيٽسٽڪس پاران ميڊيا ورڪشاپ منعقد

ورڪشاپ جو مقصد صحافين کي زراعت، ٻيلو، صحت ۽ ٻين ڪاتن بابت آگاهي ڏيڻ آهي: مقرر

صحافين گڏيل ڪوشش ڪئي آهي ته هر سال ڪاتن جي انگن اکرن جو جائزو ورتو وڃي

خيرپور (د ر) سنڌ اسٽيٽسٽڪس پاران خيرپور پريس ڪلب ۾ هڪ ڏينهن جي ميڊيا ورڪشاپ سيمينار منعقد ڪيو ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

پٽ شاهه جو مشهور ڊاڪٽر اويس هاشمي بخار رگهي لاڏاڻو ڪري ويو

نوجوان ڊاڪٽر اويس هاشمي گردن ٽوڙ بخار هجڻ ڪري وفات ڪري ويو

گلستان يار علي فقير قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي، ماحول سوڳوار

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه شهر جو مشهور تاليوارو ڏندن جو نوجوان ڊاڪٽر اويس هاشمي گردن ٽوڙ بخار هجڻ ڪري وفات ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

پٽ شاهه: مشهور ڊاڪٽر اويس هاشمي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

لکي غلام شاهه ويجهو بجلي جي ڪريل تارن ۾ وچڙي نوجوان فوت

ڳوٺ عبدالغني بروهي ۾ 11 هزار وولٽيج جي ڪريل تارن ۾ وچڙي نوجوان اعجاز احمد بروهي فوت ٿي ويو

رهواسين پاران واپڊا انتظاميا خلاف سخت نعريبازي، عملدارن مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪرڻ جي گهر

لکي غلام شاهه (رپورٽر) لکي غلام شاهه ويجهو ڳوٺ عبدالغني بروهي ۾ بجلي جي 11 هزار وولٽيج جي ڪريل تارن ۾ وچڙڻ سبب /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

پٽ شاهه ويجهو پوليس اهلڪار زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

30 سالا پرڻيل اهلڪار گلشير سهتو گهريلو پريشانين سبب خودڪشي ڪري ڇڏي

اطلاع تي پوليس پهچي لاش سرڪاري اسپتال پهچايو، پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي

پٽ شاهه (رپورٽر) پٽ شاهه ويجهو ڳوٺ گل سهتو جي رهواسي پوليس اهلڪار 30 سالا شادي شده نوجوان گلشير سهتو /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

شهدادپور ۾ قلم ڌڻين پاران پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي

رشيد مگسي، نور سنڌي، اسد ڏاهري، مهدي حسن پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

اسان پاڪ فوج سان هر محاذ تي گڏ آهيون ڀارت اڳرائي ڪئي آهي، جنهن جو پاڪ فوج منهن ٽوڙ جواب ڏنو

اسان کي پاڪ فوج تي فخر آهي: (صحافتي اڳواڻن جو خطاب) ان موقعي تي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور پريس ڪلب جي طرفان ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي صدر پريس ڪلب رشيد مگسي سرپرست اعلي نور سنڌي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

مودي جو خيال هو ته پاڪستان کي پٽ سان لڳائيندو، پر هو ناڪام ٿي ويو: اياز لطيف

ڀارت کي حملو ڪرڻ بدران غيرجانبدار فورمن سان رابطو ڪرڻ گهرجي ها: ڪيواي ٽي سربراهه

اسان هندستان جي جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿا جنگ مسئلن جو حل ناهي

ڀارت جو حملو عالمي امن، ترقي ۽ انسانيت تي حملو آهي، اسان کي امن گهرجي

حيدرآباد: ڪيواي ٽي سربراهه اياز لطيف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

حيدرآباد (رپورٽ: معشوق شرا) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي حيدرآباد ۾ شاگردن کي خطاب ڪندي چيو ته ڀارت جو حملو عالمي امن ترقي ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

سکر ۾ پ پ اقليتي ونگ اڳواڻن پاران سيد وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي واڌايون پيش

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي اقليتي ونگ سکر جي جنرل سيڪريٽري /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

ميهڙ: ٻن عورتن سميت 4 ڄڻن جي گرفتاري تي پرٽ برادري جو ٿاڻي تي حملو، 140 ڄڻن تي ڪيس داخل

مقتول صابر پنهور قتل ڪيس ۾ پوليس چڙهائي، فائرنگ، ٻن عورتن سميت ڄڻن کي گرفتار ڪيو، هڪ ڄڻو زخمي

ڏنڊا بردارن ايس ايڇ او اي سيڪشن اصغر شاهه، سپاهي محمد بخش سميت 5 اهلڪار سخت زخمي

مڇريل پرٽ برادري ٿاڻي تي حملو ڪري ڏنو عملدار ڀڃي ويا، ٻن پوليس موبائلن جا شيشا ڀڃي پيا

مڇريل ماڻهو گرفتار ٻه جوابدار ۽ عورتن کي ٻه ڇڏائي ويا، هڪ نوجوان ڏاڪر پرٽ زخمي ٿي پيو

زخمي ايس ايڇ او سيد اصغر شاهه جي فرياد تي سرڪار پاران 90 ڄڻن تي حملي، ڊيوٽي اٽڪاءِ، ڀڃ ڊاهه جو ڪيس داخل

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان سنڌي ٻتڙو ۾ صابر /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

سامارو ويجهو پريمي جوڙو گهران نڪري پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، تحفظ جي گهر

سامارو (رپورٽر) سامارو ويجهو پريمي جوڙو گهران نڪري پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو. تحفظ جي گهر سامارو روڊ جي ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

سامارو: پريمي جوڙو تحفظ جي اپيل ڪري رهيو آهي

پٽ شاهه ۾ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان هيٺ ريلي

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول دريا خان ٽالپر ۾ محبت علي ملوڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

تعليم ئي قوم جي واڌاري جو ذريعو آهي، ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرايو: هيڊ ماسٽر

پٽ شاهه (رپورٽر) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول دريا خان ٽالپر ۾ ٽئين داخلائن جي مهم پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان هيٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڪرمپور ۾ هندو پنچائت پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

ريلي ۾ شريڪ هندو پنچائت جي اڳواڻن ۽ شهرين پاڪ فوج زنده آباد، پاڪستان زنده آباد جا نعره لڳايا

مکي نانڪ رام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪڍيل ريلي ۾ اڳواڻن ۽ شهرين پاڪ فوج زنده آباد جا نعره لڳايا

اسان پاڪستان ۾ رهندڙ هر مذهب جا ماڻهو پاڪستاني آهي ۽ پاڪ فوج سان شانہ بشانہ گڏ آهيون: اڳواڻ

ڪرمپور (رپورٽر) ڪرمپور ۾ هندو پنچائت پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ڀارتي جارحيت خلاف، مکي نانڪ رام، سيٺ واشديو لعل، سيٺ چيتو لعل، سيٺ سرواننڊ ترمل داس، سيٺ هريچند، چوڌري اتيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ڪرمپور: هندو پنچائت پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

مسلم ليگ (ن) سکر پاران "پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد" جي عنوان سان ريلي

اسين هڪ قوم جي حيثيت سان پنهنجي پاڪ فوج سان هڪ پيج تي آهيون: خورشيد احمد ميراڻي

"پاڪستان زنده باد" ۽ "پاڪ فوج زنده باد" جا زوردار نعرا، ريلي دوران فضا جوش ۽ جذبي سان گونجي رهي هئي

عوام ڀرپور شرڪت ذريعي پنهنجي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو، ڪنهن به غلط فهمي ۾ نه رهي

سکر: مسلم ليگ ن ضلع صدر خورشيد احمد ميراڻي جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) ضلعي سکر پاران ضلعي صدر سکر خورشيد احمد ميراڻي جي اڳواڻي ۾ "پاڪستان زنده باد، پاڪ فوج زنده باد" جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ٺٽو: پاڪ فوج جي چونڊ ۽ ڀرتي مرڪز ڪراچي پاران ڀرتين لاءِ شيڊول جاري

ٺٽو (د ر) پاڪ فوج جي چونڊ ۽ ڀرتي مرڪز ڪراچي پاران نوجوانن کي پاڪ فوج ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

گمبٽ ۾ ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، نعريبازي

ممتاز کهڙو، ميان رسول بخش، ممتاز ڪليري، وزير حيدري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

انڊيا پاڪستان تي جارحيت ڪري رهيو آهي ۽ شهري آبادي کي نشانو پيو بڻائي، معصوم شهري شهيد ٿين پيا

پاڪ فوج دشمن کي زبردست جواب ڏئي رهي اسين پاڪ فوج سان گڏ آهيون، خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: اڳواڻ

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ۾ ايڪس سروس مين سوسائٽي پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ قول باغ ڪان پريس ڪلب گمبٽ تائين ريلي ڪڍي وئي، پاڪستان زنده پاڪ فوج پائنده باد جا نعرا لڳايا ويا. ان موقعي تي ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن ممتاز کهڙو ميان رسول بخش، ممتاز /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

وگڻ ويجهو دماغي رڳ ڦاٽڻ ڳوناٽو فوت، وارثن ۾ ڪهرام

ڳوٺ ڪري موري واسي 48 ورهين جو ڳوناٽو محمد يوسف مغيري گهر اندر اوچتو بيهوش ٿي ويو

نوجوان کي وارث ڊراما سينٽر لاڙڪاڻي ڪٺائي ويا، جتي هن علاج دوران دم ڏئي حوالي ڪيو

سنڌس موت دماغي رڳ ڦاٽڻ سبب ٿيو آهي جڏهن ته فوتي ياءُ ڇهن ٻارڙن جو پيءُ هو

وگڻ ويجهو دماغي رڳ ڦاٽڻ نتيجي ۾ ڳوناٽو محمد يوسف مغيري فوت ٿي ويو وارثن ۾ روج راڙو پئجي ويو رپوٽ موجب وگڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

وگڻ: دماغي رڳ ڦاٽڻ سبب فوت ٿيل ڳوناٽو محمد يوسف

نوشهروفيروز شهر ۾ صفائي جا انتظام اٽپورا

شهر جي مين روڊ رستن ۽ سول اسپتال جي مين گيٽ اڳيان گندو پاڻي بيٺل

ميونسپل ڪاميٽي 100 ڪان مٿي ملازم رشوت ڏئي ويزا تي هليا ويا

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميان جي نااهلي سبب شهر جي مين روڊ رستن ۽ سول /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

پکو جي شاخن ۾ واري اڏامڻ لڳي، فصل متاثر، آبادگار پريشان

ڏنڊون ۽ تلاءُ سڪڻ سبب مڇي مرڻ لڳي، آبي جيوت سميت چوپايو مال اچ مرڻ لڳو

رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ چيلو شاخ، ڪور شاخ، گهاڙ واهه، گهنور واهه، راڄ واهه ۾ پاڻي نه آيو

جيئن سارياڻي فصل جا ٻج منڊائيتا پوکي سگهون ۽ چوپايو مال آبي جيوت ٻه مرڻ کان بچي وڃي

پکو (رپورٽر) پکو جي شاخن ۾ واري اڏامڻ لڳي، آبي جيوت سميت چوپايو مال اچ مرڻ لڳو، ڏنڊون ۽ تلاءُ سڪڻ سبب مڇي مرڻ لڳي، آبادگار پاڻياتي فصل جا /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

پکو: شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ بعد چوپايو مال واهه اندر گاهه چري رهيو آهي